پروفيسر محمد عمر چنڊ[1]
ترجمو: منوج ڪمار

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي علمي ڪاوشن جو جهان

("World of Work" جو مقدمو)

'سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم' جي روح روان محمد عثمان منگي 2004ع ۽ 2005ع ۾ مختلف عالمن ۽ دوستن جا ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪي لکيل خطن جا ٻه مجموعا ڇپرايا. "پيارن جا پيغام" ۾ 219 دوستن ۽ عالمن جا لکيل 302 خط هئا. جڏهن ته "سڄڻن جا سلام" ۾ 278 ڄڻن جا لکيل 438 خط هئا. سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر، مظهرالحق صديقيءَ جي ڪوشش سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ وري ٽيون مجموعو "سڄڻ سارينديِ" جي عنوان سان 2005ع ۾ ڇپايو جنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ جا 74 دوستن ۽ عالمن کي لکيل 180 خط هئا. اهي جملي 920 شايع ٿيل خط 64 سالن جي عرصي ۾ لکيا ويا هئا. جنهن مان سڀ کان اوائلي خط 1941ع ۾ لکيو ويو هئو. انهي خطن ۾ مختلف انواع جا علمي ۽ ذاتي موضوعن تي بحث ۽ ڪچهريون شامل هيون. جيڪي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ گذريل ستر سالن ۾ گڏ گهاريندڙ سينئر اديبن ۽ عالمن سان ڪيون هيون. خطن جا اهي ٽيئي جلد ادب، تاريخ ۽ لوڪ ادب جي عالمن توڙي عام ماڻهن لاءِ ايندڙ ڪيترن نسلن تائين هڪ بي بها علمي خزانو رهندا.

خطن جي انهن ٽنهي جلدن جي ڇپجڻ سان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ويجهي دوستن جو توجه ڊاڪٽر صاحب جي انگريزيءَ ۾ لکيل وڏي انگ ۾ انهن ذاتي خطن ڏانهن ويو، جيڪي ڊاڪٽر صاحب لکيا يا وصول ڪيا. اهو سمورو ڪريڊٽ، پاڪستان ريلوي جي چيف انجنيئر، محمد يعقوب زرداريءَ ڏانهن وڃي ٿو. جنهن ڊاڪٽر صاحب کان انهن خطن جي ڏسڻ ۽ ڇپائڻ جي اجازت گهري. ڊاڪٽر صاحب راضي ٿيندي ڪيس انهن خطن جا وڏي تعداد ۾ فائيل ڏنا. جنهن انهن ۾ موجود وڏي انگ ۾ خطن کي ڪمپيوٽر تي اتارڻ وارو ڏکيو ڪم سرانجام ڏنو. انهن خطن جي ترتيب ۽ ايڊٽنگ جو ڪم وري مون کي سونپيو ويو. وڏي تعداد ۾ ڪجهه بيا خط به هٽ ڪيا ويا. جيڪي هن مجموعي ۾ موضوع وار ۽ وقت وار شامل ڪيا ويا آهن، پر اها به ڪا ڪامل ترتيب نه آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي شخصيت سازي:

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مختلف علمن ۾ ڪيل سندس شاندار ڪم سبب پاڪستان سميت يورپ ۽ ايشيا جي مختلف ملڪن جي تاريخ، تعليم، لوڪ ادب، موسيقي، اسلامي ثقافت ۽ تهذيب جي عالمن

[1] پروفيسر محمد عمر چنڊ صاحب اصل ۾ هيءُ مواد، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي انگريزيءَ ڪيل لکپڙهه تي مشتمل ڪتاب "World of Work" تي مقدمي طور لکيو. اهو ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري طرفان 2007ع ۾ شايع ٿيو. انگريزيءَ ۾ لکيل انهيءَ مقدمي جو سنڌي ترجمو منوج ڪمار ڪيو آهي. سندس سڃاڻپ هڪ ڪالم نگار، ترجمي نگار ۽ ڪهاڻيڪار جي آهي. هن انگريزي ادب ۾ ماسٽرس ڪئي آهي ۽ گذريل ٻن ڏهاڪن کان تدريس جي شعبي سان وابسته آهي. سندس لاتعداد مضمونن ۽ مقالا، مختلف انگريزي ۽ سنڌي اخبارن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. ٻارن لاءِ لکيل آڪاٽين جا ٻه ڪتاب ۽ سندس چونڊ لکڻين جو مجموعو "ڪتاب ڪهاڻيون ڪردار" اشاعت هيٺ اچي چڪا آهن. (ايڊيٽر)

۾ سجاتو وڃي ٿو. انهن ملڪن ۾ جرمني، ترڪي، ايران، شام، مراڪش، مصر، انڊيا، بنگلاديش، ملائشيا، انڊونيشيا، آمريڪا ۽ برطانيه شامل آهن. گذريل ڇهن ڏهاڪن کان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ انهن ملڪن جي عالمن سان مسلسل رابطي ۾ رهيو. پاڻ پنهنجي صلاحيتن آهر اها ڪارائتي ڄاڻ ٻين سان ونڊيندڙ رهيو.

آئون اڪثر انهن عنصرن تي سوچيندو رهندو آهيان، جيڪي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي شخصيت سازيءَ ۾ شامل آهن:

- آئون سوچيان ٿو 1917ع ۾ سندس سانگهڙ ضلعي جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ جنم ۽ پرورش جي باري ۾ جنهن کيس ڳوٺاڻي ماحول سان آشنا ڪيو ۽ اُهو پوءِ سندس علمي سرگرمين جو محور رهيو. انهيءَ ۾ تعليم، ٻولي، موسيقي، لوڪ ادب، علم الانسان، آرڪيالاجي ۽ تاريخ شامل آهن. آئون سوچيان ٿو پنهنجي دؤر جي شاندار ثقافتي ۽ لساني روايتن ۽ ماڻهن جي درميان سندس پالنا جي باري ۾ جنهن کيس نج سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين سان روشناس ڪرايو. ٻهراڙيءَ جي زندگي جي طرح جي تجربن جي باري ۾، جنهن منجهس انهن اعليٰ قدرن جي حاصلات جو چاهه پيدا ڪيو. جيڪر ڊاڪٽر صاحب ڪنهن شهري ماحول ۾ پيدا ۽ پرورش ونئي ها، ته پاڻ هوند ڪنهن ٻي شخصيت جو مالڪ هجي ها! جيڪو ٻين شهري علمن ۾ شهرت حاصل ڪري ها، ته پوءِ لوڪ ادب، لغت نويسي، تاريخ ۽ قاضي قادن، ابو عطا السنڌي، شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن تي سندس ست ڏهاڪن ۾ ٽيل سنڌس ڪم نه ٿي سگهي ها!
- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي شخصيت سازي ۾ آئون انهن اعليٰ تعليم جي ادارن جي باري ۾ سوچيان ٿو جتي هن تعليم حاصل ڪئي. جنهن ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ سندن اوائلي تعليم ۽ پوءِ نوشهري فيروز جي اسڪول، جهونا ڳڙهه جي ڪاليج ۽ علي ڳڙهه ۽ نيويارڪ جي ڪولمبيا جي يونيورسٽين ۾ سندس اڳتي جي تعليم شامل آهي. اها يقيناً انهن ادارن جي تعليم هئي، جنهن کين انهيءَ مرتبي جي عالم ٿيڻ ۾ مدد ڪئي.
- آئون سندس دل ۽ دماغ مان سکڻ جي باري ۾ به سوچيان ٿو. هڪ طرف، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ٻهراڙيءَ جي اڻ پڙهيل لوڪ اديبن ۽ سگهڙن مان لوڪ ڏاهپ جي سمجهه حاصل ڪئي، جيڪا ڪنهن به اداري مان حاصل ڪري نه ٿي سگهجي. ٻئي طرف، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي وقت جي بهترين ادارن مان باقائدي تعليم حاصل ڪئي، جنهن کيس اهو موقعو عطا ڪيو ته هُو انتهائي ڄاڻو ۽ مخلص استادن کان شهري نفاست ۽ علم حاصل ڪري سگهي. ڊاڪٽر صاحب ٻنهي جڳهين تان ڏاهپ، ڄاڻ ۽ علم جا ثمرات انتهائي پاپوهه مان حاصل ڪيا.
- آئون سندس علم ۽ ڄاڻ جي حاصلات جي جدوجهد، رويي ۽ سندس علم جي راهه ۾ ڪوشش جي باري ۾ سوچيان ٿو جيڪو سندس لاءِ آبِ حيات هو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هڪڙي دوست کي جيڪو لکيو تنهن کي هتي دهرائڻ ضروري آهي ته: "زندگيءَ جو راز اهو آهي ته اهو ڪم ڪجي جنهن سان توهان جو عشق هجي." ڪم سندس لاءِ صحيح معنيٰ ۾ عبادت هو ۽ انهيءَ کان وڌيڪ اعليٰ ڪم ڪهڙو ٿي سگهي ٿو جنهن جو تعلق سکڻ ۽ ڏاهپ سان هجي.
- آئون سندس ذاتي ڪردار ۽ طبعيت جي باري ۾ به سوچيان ٿو جنهن کيس ماڻهن سان وقار سان وهنوار ڪرڻ جي قابل ٿاهيو. آئون سندس بهادري ۽ دل جي وڏائي ۽ سخاوت ۽ ٻين سان اڻ ڏرين برابريءَ ۽ اصول پسنديءَ سان هلڻ ۽ سندس سڌي راهه ۽ ايمانداريءَ سان هلڻ جي باري ۾

سوچيان ٿو. سندس ھين سان وھنوار شيخ سعديءَ جي انھيءَ مقولي تي بلڪل ٺھڪي اچي ٿو ته:
”دوستن سان دليون ۽ مخالفن لاءِ برداشت.“

- آئون سوچيان ٿو ڊاڪٽر بلوچ جي بينظير صلاحيتن جي باري ۾، جنھن جي ڪري ھُو شاگردن، عالمن ۽ فنڪارن جي صلاحيتن کي صحيح ۽ عزت ڀريي طريقي سان پرکي سگھندو ھو. ھُو پاڻ ھين ماڻھن جي ڪمن کي بروقت ساراھڻ ۽ ھر ممڪن طريقي سان ھين جي صلاحيتن کي دنيا آڏو روشناس ڪرائڻ واري خوبيءَ جو حامل ھو. ھين کي مثبت ۽ تخليقي ڪمن ۾ لڳائڻ واري سندس صلاحيت سبب ڪوڙ ماڻھو پنھنجي فنڪاراڻي ۽ علمي ڪمن ۾ اڳتي وڌيا ۽ سماج ۾ پنھنجو نالو ڪمايائون.
- آئون سوچيان ٿو ڊاڪٽر بلوچ جي جي انھيءَ صلاحيت جي باري ۾، جنھن جي ڪري ھُو ھين سان پائيدار ۽ گھڻا تعلقات قائم ڪري ۽ انھن کي برقرار رکي سگھندو ھو. ڊاڪٽر بلوچ، اڪثر ھين عالمن سان اتفاقي ٿيل ملاقاتن کي وڏي عرصي تائين ھلندڙ رشتن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو ھو. آئون مختلف ملڪن جي عالمن سان سندس خط و ڪتابت کي انتھائي حيرت مان ٿو ڏسان. پروفيسر مريئل ليٽم، سگرد ۽ ھينز ويسٽفل، اينميري شمل، بيڪنگھم، حميدالله ۽ ھين سان ٿيل خط و ڪتابت ڊاڪٽر بلوچ جي ڪنھن به ذاتي مفاد ۽ لالچ کان پاڪ، خالص ۽ پائدار علمي رشتي کي قائم ڪرڻ واري سندس خوبيءَ کي ظاھر ڪري ٿي.
- انھيءَ سلسلي ۾ آئون ڊاڪٽر بلوچ جي انھيءَ صلاحيت جي باري ۾ سوچيان ٿو ته ھُو سدائين پنھنجي دوستن کي پھرين لکندو ھو ۽ انھن کان خبرچار نه ملڻ جي شڪايت به ڪندو ھو. جيڪڏھن رابطو نه رکي سگھندو، ته معافي وٺڻ ۾ به سخي ھوندو ھو. ڊاڪٽر بلوچ لاءِ عيد برات، ڪرسمس يا نئين سال جا ڏڻ، پراڻن دوستن سان رشتن جي تجديد ڪرڻ جا موقعا ھوندا ھئا. سندس خطن ۾ سامھونءَ واري ڌر اڪثر سندس خوش خير عافيت جو جواب ڏيندي نظر اچن ٿا ۽ نه ڪي پاڻ خوش خير عافيت جي شروعات ڪندي.
- آئون سندس پنھنجي زندگي ۽ ڪم جي باري ۾ پابندي، مثبت ۽ پرامید رويي جي باري به سوچيان ٿو. ڊاڪٽر بلوچ ڪڏھن به ڏکيائين جي ڪري شڪست ڪونه قبولي. ھُو سدائين ناموافق حالتن ۾ به ڪاميابيون ماڻيندو ھو. ھُو حسد ۽ مخالفتن جي ھوندي به ھميشه اعليٰ ۽ مٿاھن مقصدن سان ڀرپور ھوندو ھو ۽ پنھنجي دل گھربي ڪم جي پورائي لاءِ ھميشه اٽل رھندو ھو.
- آئون سوچيان ٿو سندس وقت جي صحيح استعمال جي باري ۾، ته ھُن ڪيئن پنھنجي وقت کي انھن علمي حاصلات لاءِ استعمال ڪيو، جيڪي انسانيت جي فائدي لاءِ آھن. اھا ڳالھ پڪ سان چئي سگھجي ٿي، ته جيڪڏھن اسان سندس ستر سالن جي بالغ زندگيءَ کي ڏسون ته ھُن اُن جو ڪو به لمحو علمي حاصلات کان پري ضايع نه ڪيو. گھر تي به ھُو پنھنجو وقت نه وڃائيندو ھو. ڊاڪٽر صاحب گھر تي به سدائين پڙھندو، لکندو يا پروف ريڊنگ ڪندو رھندو ھو. نوجوانيءَ ۾ ڪڏھن ڪڏھن شڪار ڪان سواءِ، ڊاڪٽر صاحب مختلف سفرن تي ويندو ھو، جنھن جو مقصد ماڻھن کان گھربل چاڻ وٺڻ ھوندو ھو. ڊاڪٽر صاحب ڪچھرين ۽ راڳ رنگ جي محفلن، ادبي ڪانفرنسن، شادين مرادين، مختلف يونيورسٽين ۽ ادارن جي بورڊ آف گورنرس جي ميٽنگن ۾ شرڪت ڪندو رھندو ھو. پر اھي سڀئي ڪاج اھڙي طريقي سان طيءِ ٿيل ھوندا ھئا، جو ورلي ڪا وقت جي کوٽ جي شڪايت ٻڌڻ ۾ ايندي ھئي.

- سنڌس وقت جي صحيح استعمال کان سواءِ وٽس وقت جي پابندي به هئي. ٻين پاڪستانين جي برعڪس، هُن جوانيءَ ۾ سکيل پنهنجي وقت جي اهميت واري اصول کي ڪونه وساريو. جڏهن ماڻهو ڪيس ڪنهن تقريب ۾ گهرائيندا هئا، ته ڊاڪٽر صاحب اهو پهريون ۽ واحد شخص هوندو هو، جيڪو ڏنل وقت تي پهچندو هو. جڏهن ته اها تقريب ڪافي ڪلاڪن کان پوءِ پئي شروع ٿيندي هئي. وقت جي پابنديءَ جي حوالي سان پنهنجي سٺ سالن جي تجربي جي باوجود، هُن پنهنجي وقت کان به ٿي منٽ پهرين اچڻ واريءَ عادت کي تبديل نه ڪيو. هُن دير سان اچڻ واري خراب روايت کي اختيار ڪان انڪار ڪيو. ڊاڪٽر صاحب ٻين پاڪستانين جيان نه ڪو دير سان تقريبن ۾ ويندو هو ۽ نه وري جلدي هليو ويندو هو ۽ نه وري ائين ظاهر ڪندو هو ته هُو ٻين هنڌن تي مصروف آهي. انهن سڀني منظم مصروفيتن جي باوجود به ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي دوست ۽ گهروارن سان گهارڻ لاءِ ڪافي وقت ڪيڊندو هو.
- ۽ آخر ۾، آئون سوچيان ٿو ته هُو پنهنجي سرڪاري خواه ذاتي خط و ڪتابت جو رڪارڊ رکڻ جي به صلاحيت رکندو هو. نه فقط اهو پر هُو وڏي پابوهه سان نئيڙيون شيون به پنهنجي هٿ سان ڪندو هو جهڙوڪ: لفافن تي ايڊريسون لکڻ يا ٽڪليون هڻڻ. جيڪڏهن ٽڪلين ته ڪونئر نه به لڳل هوندو هو ته بنان ڪنهن ٻئي جي مدد سان پنهنجي قديم ڪونئر واري بوتل مان ڪونئر ڪڍي، پاڻ اهو وڏيءَ احتياط سان ٽڪلين تي لڳائيندو هو.

اهي ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون خوبيون انهيءَ خمير جون هيون، جنهن مان ڊاڪٽر بلوچ جي شخصيت ٺهي هئي.

سخت تعليمي بنياد:

1929ع کان 1936ع تائين مدرسه هاءِ اسڪول نوشهري فيروز ۾ ميٽرڪ ڪرڻ جي دوران نبي بخش بلوچ اڻ ورچائي، پورهيي، ماڻهن تائين پهچڻ ـ سنڌس صلاحيتن کي ساراهڻ جو ڏانءُ حاصل ڪيو. سنڌ ۾ موجود بهترين استادن جي نگرانيءَ هيٺ تعليم حاصل ڪندي، هُن انهن سڀني موضوعن ۾ مضبوط بنيادي تعليم حاصل ڪئي، جيڪي اڳتي هلي سنڌس مستقبل جي علمي ڪمن ۾ معاون ثابت ٿيا. انهن استادن ۾ عثمان علي انصاري، مخدوم امير احمد، اي ايم. نظاماڻي، ايڇ. ايم. خواجا ۽ ٻيا شامل هئا. پاڻ 1936ع ۾ بامبي يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ مئٽرڪ ڪيائين.

جوانيءَ ۾ بلوچ صاحب بهاؤالدين ڊگري ڪاليج جهونا ڳڙهه ۾ 1938ع ۾ داخلا ورتي. سنڌن اها قسمت هئي ته هُو پنهنجي وقت جي بهترين استادن سان لهه وچڙ ۾ آيو. جن مختلف شاعرن، ڪيوريٽرن ۽ تاريخ دانن سان سنڌس واسطو ٿيو. تنهن ۾ اُن وقت جي جهونا ڳڙهه جي آرڪيالاجي شعبي جو انچارج قاضي احمد علي شامل هو. ان کان سواءِ، هُن مشهور پروفيسرن، جهڙوڪ: طاهر علي (عربي)، مسٽر رائو (رياضي) ۽ مسٽر اوزا (انگريزي) کان پڻ سکيا ورتي. ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي سڀني استادن جي ڪاوشن کي تسليم ڪندو هو ۽ خاص طور تي فارسي شعبي جي استاد مسٽر ترمذيءَ جو ذڪر ڪندو هو. جنهن سنڌس جوان ذهن ۾ سائنسي بنيادن تي تحقيق ۽ عالمانه فڪر جو ٻج پوکيو. ڊاڪٽر بلوچ 1941ع ۾ جهونا ڳڙهه مان گريجوئيشن ڪئي ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پوزيشن حاصل ڪئي.

بلوچ صاحب پوءِ علي ڳڙهہ يونيورسٽي ويو جتي پاڻ 1941ع کان 1945ع تائين رهيا. اتان هُن فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ ايم. اي ڪئي ۽ فرسٽ ڪلاس ۾ قانون ۾ بيچلرس ڪئي. سندن چواڻي، علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ ۾ پهريون دفعو ڪلاس روم جي تقدس ۽ استاد جي احترام واري تصور سان سندس آشنائي ٿي. هُو استادن جي اعليٰ معيار ۽ سندن پنهنجي موضوعن ۾ گهري ڄاڻ ڏسي ڏاڍو متعجب ٿيو. پاڻ پنهنجي پوئين زندگيءَ ۾، يونيورسٽيءَ جي انهن پنهنجي دؤر جي چمڪندڙ ستارن، متاهين درجي جي دانشورن ۽ عالمن جو ذڪر ڪندو هو جن سان هُو لهہ وچڙ ۾ آيو. انهن استادن ۾ فارسيءَ جو پروفيسر هادي حسن، فلسفي جو ڊاڪٽر ظفرالحسن، تاريخ جو محمد حبيب ۽ باٽنيءَ جو ڊاڪٽر رفيق احمد خان شامل هئا. پر، سندن سڀ کان محبوب استاد عربي شعبي جو پروفيسر عبدالعزيز ميمڻ هو جنهن وٽ پاڻ نہ فقط ڪلاس ۾ سکندو هو پر شام جو وڏيون ڇهل قدمين دوران بہ پرائيندو هو. سندس اها گفتگوءِ سکيا ايتريون تہ گهريون ۽ اعليٰ معيار جون هونديون هيون، جو سندس اسو شاندار شاگرد پنهنجي اعليٰ درجي جي عالم استاد جون اهي سڀ ڳالهيون نہ فقط ياد رکندو هو پر ڪمري تي وڃي انهن کي نوٽ بہ ڪري ڇڏيندو هو. جيڪڏهن پروفيسر ايترو متاهين درجي جو هو تہ سندس شاگرد بہ ايتروئي قابل ۽ استاد کي پيارو هو. پروفيسر عبدالعزيز جا شاگرد ايندڙ وقتن ۾ پنهنجي استاد وٽان سنڌ جي انهيءَ قابل شاگرد نبي بخش بلوچ جي باري ۾ ڪافي ڪجهہ ٻڌندا هئا. پروفيسر صاحب جي علم ۾ اهڙي شاندار قابليت ڏسي، بلوچ صاحب جي دل ۾ بہ اها خواهش پيدا ٿي تہ شال پاڻ بہ اهڙو ٿئي.

پنهنجي انهن ٽنهي مادرِ علمين يعني نوشهري فيروز، جهونا ڳڙهہ ۽ علي ڳڙهہ ۾ پڙهائيءَ دوران اُن نوجوان عالم انگريزي، فارسي، عربي ۽ اردو ٻولين ۾ شاندار مهارت حاصل ڪئي. اُن کان سواءِ ڪيس سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ تہ اڳي ئي دسترس حاصل هئي. سکيا جي ذريعن وارين انهن ٻولين تي دسترس سبب کيس ڄاڻ جي خزاني تائين رسائي ملي ۽ بلوچ صاحب کي اها جتان بہ ملي، تہ ان ڄاڻ کي ايتري ئي چاهہ سان حاصل ڪيائين. اهي پروفيسر هجن يا لائبريريون، ڪانفرنسون هجن يا ميٽنگون، ويجهو هجن يا پري، پر پنهنجي مضبوط لساني پس منظر سبب هُو مختلف علمن ۾ پنهنجي سمجهہ ۽ ڄاڻ کي مضبوطيءَ سان واڌارو ڪندو ويو.

1937ع کان 1943ع تائين جهونا ڳڙهہ ۽ علي ڳڙهہ ۾ پنهنجي رهائش دوران، بلوچ صاحب خاڪسار تحريڪ جي انقلابي قومپرست تحريڪ جي اثر هيٺ آيو جنهن ڳالهہ کيس ان وقت جي اختيارين وٽ مصيبت ۾ آندو. پر، آزاديءَ ۽ قومپرستيءَ جي انهيءَ جذبي سان سرشار انهيءَ تحريڪ منجهس خود انحصاري، ڊسيپلين ۽ اڳواڻيءَ واريون صلاحيتون پيدا ڪيون، جيڪي اڳتي هلي سندس تعليمي ۽ علمي ڪاوشن ۾ مددگار ثابت ٿيون.

پروفيسر عبدالعزيز جي نگرانيءَ هيٺ "سنڌ ۾ عرب حڪمراني" واري پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي ٿيسز تي ڪم ڪرڻ دوران، سنڌ جي تعليم جي وزير، پير الاهي بخش کيس وائيس چانسلر ڊاڪٽر ضياءالدين ۽ پروفيسر عبدالعزيز جي معرفت انهيءَ تي قائل ڪيو تہ هُو سنڌ مسلم ڪاليج ۾ عربيءَ جي پروفيسر (1945-46ع) طور ڪم ڪري. اتي پڙهائڻ دوران، هُن لوڪ ادب تي پنهنجي تحقيق بہ جاري رکي. هُن پرواري علائقي لس ٻيلي ڏانهن سفر ڪيو ۽ پنهنجي پهرين اهم ڪلاسيڪي ڪم "ٻيلاين جا ٻول" لاءِ مواد گڏ ڪيو.

پوءِ جلدي ئي کيس آل انڊيا جي مقابلي واري آمريڪا ۾ اعليٰ تعليم جي اسڪالرشپ (1946ع- 1949ع) ملي، تہ جيئن هُو ايجوڪيشن ۾ ماسٽرس ڪري سگهي، جيڪا پوءِ وري ڊاڪٽريٽ ۾ تبديل

تي. بامبي کان سان فرانسسڪو ۽ واپس سنڌ واري ساموندي سفر دوران هُن "پيلاين جا پول" جي مسودي تي ڪم ڪيو. آمريڪا کان واپسيءَ وارن ڏکين سالن يعني 50_1949ع دوران ڪيو ويو ۽ 1951ع ۾ بلوچ صاحب پنهنجي پگهار مان بچت ڪري اهو ڪتاب شايع ڪرايو.

بلوچ صاحب 16 آگسٽ 1946ع تي بامبي ڇڏيو. هُو 'جنرل گورڊن' نالي بحري جهاز تي سوار ٿي پئسيفڪ سمنڊ پار ڪري 29 ڏينهن کان پوءِ 13 سيپٽمبر تي سان فرانسسڪو پهتو. 1946ع جي سرءُ ۾ ڪولمبيا يونيورسٽي جي ٽيچرس ڪاليج ۾ داخل ٿيو ته جيئن ايجوڪيشن ۾ ماسٽرس ڪري ۽ پوءِ انهيءَ ساڳئي موضوع تي پي ايڇ. ڊي. ڪري سگهي. بلوچ صاحب پنهنجي شعبي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان سواءِ علم الانسان ۽ سوشل سائنس ۾ به دلچسپي ورتي. پاڻ ادبي، سماجي ۽ علمي ڪنوينشن، ڪانفرنسن، سيمينارن، فنڪشنن ۽ ميٽنگن ۾ شرڪت ڪرڻ جو ڪو به موقعو نه ڇڏيندا هئا. هُو سدائين تدريسي حصول ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو هو. مختلف نظرين ۽ ثقافتن جي ماڻهن سان ملندو هو ۽ پاڪستان جي تصور جو دفاع ڪندو هو. هُن 14 آگسٽ 1947ع تي نيويارڪ ۾ پاڪستان جي آزادي جي جشن جي تقريب به منعقد ڪئي. پوءِ جڏهن واشنگٽن ۾ پاڪستان جو سفارت خانو کليو ته بلوچ صاحب انهيءَ سلسلي ۾ ساڻن مڪمل تعاون ڪيو. هُو ڪين پاڪستان جي مامرن ۽ پاڪستاني شاگردن جي باري ۾ لکندو هو. هُن اهم موقعن، جهڙوڪ: 11 سيپٽمبر 1948ع تي قائداعظم جي وفات جي موقعي تي گڏجاڻيءَ جو به انعقاد ڪيو.

آمريڪا ۾ تڏهن ننڍي ڪنڊ سان تعلق رکندڙ شاگردن جو هڪ وڏو انگ پڙهندو هو. ان وقت، انهن کي نئين ثقافتي ۽ سماجي ماحول ۽ تدريسي گهرجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪافي مشڪلات درپيش اينديون هيون. بلوچ صاحب جي تدريس ڏانهن پابند طريقي ڪار، سندس شاندار طبيعت، سندس عملي ۽ مثبت سوچ ۽ سندس غير معمولي صلاحيتن ۽ بين ماڻهن جا ذاتي ۽ تدريسي معاملن کي حل ڪرڻ لاءِ سندس ڪوشش سبب کيس اهو موقعو مليو ته هُو ماڻهن سان انساني همدردي جي بنيادن تي واسطو رکي سگهي. انهيءَ ڪري، کيس اڪثر پاڪستان جي سفارتخاني جي پاران گهرايو ويندو هو ته جيئن شاگردن جا انفرادي، ذاتي ۽ تدريسي مسئلا حل ڪري.

بلوچ صاحب جي تدريسي حصول جي سلسلي ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته آمريڪا جي ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وقت انگريزي، فارسي ۽ عربي ۾ مهارت رکندي، پاڻ تعليم جي اسلامي ۽ يورپين ذريعن جو جائزو ورتائين ۽ پنهنجي پي ايڇ. ڊي جي ٿيسز پيش ڪيائين. هُن انهيءَ ۾ پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي حالتن اندر پيش ايندڙ مقامي ۽ فطري تعليمي مسئلن تي غور ويچار ڪيو. 48_1947ع ۾ بلوچ صاحب پاڪستان جي نئين رياست لاءِ قومي تعليمي جو پرگرام ۽ استادن جي تعليم جو پروگرام جوڙيو.

ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ هن نوجوان عالم کي عالمي شهرت يافته استادن وٽان تعليم، علم الانسان ۽ نصاب کي پڙهڻ جو موقعو مليو. ڪليئرنس لنٽن سندس پرڏيهي شاگرد صلاحڪار هئي. جڏهن ته ڊاڪٽر ٽيڪسبريءَ کيس بين الاقوامي ثقافت ۽ ڊاڪٽر ٿامپسن کيس نصاب پڙهايو. بلوچ صاحب پنهنجي ٻن استادن: پروفيسر جارج ڪائونٽ ۽ هيرالڊ رگس کي خاص طور تي ياد ڪندو هو جيڪي پنهنجي دؤر جا فلسفي جا نامي گرامي استاد هئا. اُهي شاگردن ۽ استادن جي جاڻ لاءِ سيمينار ۽ مباحثا منعقد ڪندا هئا. سندس تحقيقي صلاحڪار اي. ايس. ايونبن ۽ خاص صلاحڪار ڊاڪٽر ڪارل

بگليو هو. سنڌس ٿيسز جو عنوان هو: "پاڪستان جي نئين رياست ۾ استادن جي تعليم جو نئون پروگرام"، جنهن تي کيس 10 مئي 1949ع تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ملي. انهن مشهور عالمن سان ڪم ڪندي، ڊاڪٽر بلوچ تحقيق جا نوان طريقا سکيا. هُن تحقيقي مقالا لکڻ جو باقائدي ڍنگ ۽ اسلوب حاصل ڪيو. جنهن ۾ لکڻين ۽ علمي ٿيسز ۾ لفظن جو صحيح استعمال، مختصر عبارت جو ڪتب آڻڻ ۽ وڌاءُ کان پاسو ڪرڻ شامل هو.

پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي ٿيسز پيش ڪرڻ تائين بلوچ صاحب نہ فقط تعليم جي شعبي ۾ پر بين الاقوامي تنظيمن ۽ معلومات واري نظام ۾ بہ گهري سمجهہ ۽ بصيرت حاصل ڪئي.

واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارت خاني جا ڊاڪٽر امداد حسين ۽ پاڪستان جو سفير مسٽر اصفهاني ، بلوچ صاحب جي اقوام متحده ۾ ڪيل سنڌس انٽرن شپ پروگرام کان ڪافي متاثر هئا. ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي رپورٽ ۾ جيڪي تجويزون پيش ڪيون، سي ايتريون تہ اهم ۽ ڪارائتيون هيون، جو اُنهن ٻنهي صاحبن اهي ان وقت حڪومتِ پاڪستان، اقوام متحده ۽ لاڳاپيل ادارن سان ونڊڻ ضروري سمجهيون. ڊاڪٽر امداد حسين، بلوچ صاحب جي اقوام متحده ۾ ڪيل سنڌس انٽرن شپ رپورٽ تي اهو لکيو تہ پاڪستاني سفير انهيءَ رپورٽ کي غور سان پڙهيو آهي ۽ انهن تي ضروري قدم کڻڻ لاءِ پرڏيهي مامرن، تعليم ۽ صنعتن جي وزارتن ڏي اها رپورٽ موڪلي ٿو. ايمبيسي جي معلومات واري شعبي کي بہ اهي هدايتون موڪليون ويون، تہ اهي اقوام متحده ۽ لاڳاپيل اهم ادارن جي بليٽن ۽ اشاعتن ۾ شايع ٿي سگهن. انهن تي وڌيڪ عمل ڪراچيءَ مان هدايتون ملڻ تي ٿيندو. ڊاڪٽر امداد حسين، بلوچ صاحب لاءِ اقوام متحده مان مليل تعريفي لفظن جي باري ۾ لکيو.

"اقوام متحده ۾ توهان جي ڪم جي باري ۾ هڪ تعريفي سرٽيفڪيٽ ليسزلو هيموري وٽان وصول ٿيو آهي، جيڪو توهان جي رڪارڊ ۾ داخل ڪيو ويو آهي."

حقيقي ڪم جي جهان ۾ محو:

ڊاڪٽر بلوچ جيئن پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري وصول ڪئي، تہ اقوام متحده جي ليسزلو هيموري پاران کيس اداري ۾ هڪ بهترين نوڪريءَ جي آڇ ڪئي وئي. سنڌس انهيءَ آڇ جو ٽورو مجيندي، ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ تي افسوس ظاهر ڪيو تہ هُو سنڌن اها نوڪريءَ جي آڇ قبول ڪري نہ ٿو سگهي، ڇاڪاڻ جو سنڌس ملڪ تازو آزادي حاصل ڪئي آهي ۽ اتي اهل ماڻهن جي وڌيڪ ضرورت آهي ۽ هُو پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو. ليسزلو هيموري سنڌس اهڙن جذبن جو قدر ڪيو.

ڊاڪٽر بلوچ 1949ع جي آخر تائين وطن واپس ورڻ لاءِ تيار ٿيو. هُن انگلينڊ جي دوري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ڇاڪاڻ جو هُن اتي جي تعليمي نظام جو تقابلي جائزو وٺڻ ٿي چاهيو.

جيئن ڊاڪٽر بلوچ جون 1949ع ۾ آمريڪا مان وطن واپس ٿيو. تہ وٽس هندستان ۽ پاڪستان ۾ تعليم جي سڀ کان مٿاهين ڊگري هئي ۽ پاڻ انتهائي اعليٰ علمي معيار جا حامل هئا. پر ان جي باوجود، مرڪزي حڪومت ۾ مخالفن جو منهن ڏسڻو پيو. جن کيس اها نوڪري ڏيڻ کان انڪار ڪيو. جنهن لاءِ کيس سموري انڊيا ۾ مقابلي کان پوءِ اسڪالرشپ ملي هئي ۽ هُن فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان بہ پاس ڪيو هو. کيس نوڪريءَ جي باري ۾ ڏاڍو جهٽڪو لڳو. حالانڪ ان وقت پوري ملڪ ۾

تعليم جي شعبي ۾ سندس اهليت جهڙو ڪو بيو ماڻهو نہ هو. ان وقت، ملڪ ۾ اهو رجحان هو تہ تاريخ، جاگرافي ۽ ادب سميت ٻين شعبن جي ماڻهن کي تعليمدان سمجهيو ويندو هو جڏهن تہ انهن مان ڪنهن بہ هڪ وٽ تعليم جي شعبي ۾ باقاعده سکيا نہ هئي.

قدر جي کوٽ، ساڙ ۽ اقربا پروريءَ جا اهي رجحان ڊاڪٽر بلوچ کي اڳتي بہ پريشان ڪندا رهيا ۽ اڳتي هلي ڪيس پنهنجي ڪيريئر ۾ قومي اهميت جي ڪافي پروجيڪٽن کي تڪميل ڪرڻ ۾ رڪاوٽون پيدا ٿينديون رهيون. پر، ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي مقصد تي پختو قائم رهيو ۽ فقط پنهنجي سامهون رکيل مقصد تي توجهہ ڏنائين ۽ پنهنجي ڪم کي جاري رکيائين. هُو هر جڳهہ قيادت ڪندو رهيو ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ يا پريشانيءَ کي اها اجازت نہ ڏنائين، تہ ڪيس پنهنجي مقصد تان هٽائي سگهي. هُو مخالفت جي تيز هوا جي هوندي بہ اقبال جي باز جيان مٿي اڏامندو رهيو. هُو پنهنجي بصيرت، تصور ۽ مثبت سوچ سان وڏ ڪان وڏ ڪوشش ڪندو رهيو ۽ پاڪستان سان عام طور تي ۽ سنڌ جي ماڻهن سان خاص طور تي ايندڙ نسلن تائين اعزاز ماڻيندو رهيو.

جيڪڏهن ڪنهن عام ماڻهوءَ کي اهي ڏکيائون پيش اچن ها، تہ اهو هنن ٽن طريقن مان ڪا هڪڙو چونڊي ها!

1. جيئن ماڻهو سدائين ڪندا رهندا آهن، تيئن پنهنجن واسطن کي استعمال ڪندي، پنهنجيون مشڪلاتون ختم ڪرائي ها. پر، ڊاڪٽر بلوچ اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو.
2. پنهنجو ملڪ ڇڏي، ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ بهتر زندگيءَ جي چونڊ ڪري ها. ڊاڪٽر بلوچ جا آمريڪا ۽ اقوام متحده ۾ ڪافي سٺا واسطا هئا. اقوام متحده ۾ تہ وٽس نوڪريءَ جي آڇ بہ هئي. پر، ڊاڪٽر بلوچ اهو طريقو اختيار ڪرڻ کان بہ بلڪل انڪار ڪيو.
3. بي همتو ٿي، پنهنجي ڪم ۽ زندگيءَ مان دلچسپي وڃائي ويهي ها. پر ڊاڪٽر بلوچ انهن مان ڪنهن بہ طريقي کي اختيار نہ ڪيو. اختياريءَ وارن ماڻهن پاران حسد، ساڙ ۽ اقربا پَروريءَ جي ڏنل صدمي باوجود، هُن هڪ پُراميد رستو ورتو ۽ خراب ترين معاملن مان ڪنهن بهتريءَ جي تلاش ڪندو رهيو.

علامہ مشرقيءَ جي خاڪسار تحريڪ ۾ ٿيل سندس سکيا ۽ علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ ۾ ڏنون جي مليل ڊگريءَ ڊاڪٽر بلوچ کي تيار ڪيو، تہ هُو سرڪاري نوڪرين کان هٽي بہ پنهنجي روزگار جي مستقبل کي ڏسي. تنهن ڪري هُن انهن مان ڪنهن بہ منفي طريقي کي اختيار نہ ڪيو. جيتوڻيڪ هُو اٽڪل چوڏهن مهينا کن بيروزگار رهيو. پر، ان جو اهو مقصد ڪونہ هو، تہ وٽس ڪا ڪم جي کوٽ هئي. هُن انهيءَ فارغ وقت کي پنهنجي لاءِ رحمت سمجهيو ۽ پنهنجو نوٽ بڪ ۽ قلم کڻي سنڌي چواڻي "رلي ڪلهي تي، ماني مالڪ تي" مطابق، هُو پنهنجي دلپسند ڪم، يعني: سنڌ جي لوڪ ادب کي گڏ ڪرڻ لاءِ نڪري پيو. انهيءَ ڏس ۾، هُو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هارين نارين سان مليو. ڀٽائيءَ، قلندر ۽ ٻين بزرگن جي ميلن تي ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ شرڪت ڪيائين؛ مڪلي ۽ ٻين قبرستانن ۾ تاريخي ڪتبن جو مطالعو ڪيائين؛ آرڪيالاجيءَ جي لحاظ کان قديم پڙا ۽ قلعا جانچيائين؛ پير جهنڊي ۽ جي. ايم. سيد جي ڪتب خانن سميت ڪيترين ئي لائبريرين ڏٺائين؛ جي. ايم. سيد جي ڇوڙ تي سنڌي لغت تي ڪم ڪيائين. پنهنجي تعليمي پس منظر، عالمانہ نقطہ نظر، زندگيءَ ڏانهن مثبت رويي ۽ ماڻهن سان ملڻ، انهن کي مثبت سرگرمين لاءِ همٿائڻ واري طريقي سبب، ڪيترن ئي بهترين شخصيتن

سان سندس ذاتي دوستي رهي. انهن ۾ فيڊرل فنانس سيڪريٽري ممتاز حسين، ڊي سي نواب شاهه ۽ سانگھڙ قاضي سچيڏنو ڊائريڪٽر آرڪيالاجي ايف. اي خان سميت ڪافي ماڻهو شامل هئا. جيڪي پنهنجي انتظامي حيثيتن سبب ڊاڪٽر بلوچ ڪي لوڪ ادب ڪي گڏ ڪرڻ واري سلسلي ۾ سندس مددگار ٿيا. سگھڙن سان سندس ملاقاتون ڪرايون. قديم آثارن جي کوٽائيءَ لاءِ انهن هنڌن تي ڪانئرنسون ڪرايون. جن ۾ ڀنڀور، منصوره، عمرڪوٽ، موئن جي دڙي سميت ٻيون تاريخي ۽ قديمي جڳھيون شامل آهن.

اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر بلوچ مئي 1949ع کان وٺي آگسٽ 1950ع تائين وارو بيروزگاريءَ وارو عرصو انتهائي مثبت تحقيق ۾ گھاريو. جيڪا ايندڙ وقت ۾ سندس زندگي جو جنون بڻ رهي. اهو عرصو تيستائين رهيو جيستائين حيدرآباد دکن جي تحقيقي جرنل ۾ ڇپيل سندس مقالن کان واقف سُڌ سماءَ واري وزارت جي محمد اڪرام ڪيس چيو ته هُو انهيءَ وزارت ۾ آفيسر بڪارِ خاص جي جڳھ لاءِ درخواست ڏي. ڊاڪٽر بلوچ جو انٽرويو ڪيو ويو ۽ ڪيس انهيءَ نوڪري جي آڇ ڪئي وئي، جنهن ۾ هُو سيپٽمبر 1950ع ۾ دخلڪار ٿيو.

سُڌ سماءَ واري وزارت ۾ آفيسر بڪارِ خاص طور پهرين مقرري:

(آگسٽ 1950ع کان آگسٽ 1951ع تائين)

سُڌ سماءَ واري وزارت ۾ آفيسر بڪارِ خاص طور پنهنجي مقرريءَ دوران ڊاڪٽر بلوچ سرڪاري اشاعتن ۽ ريڊيو جي نشريات ۾ هڪ رجحان متعارف ڪرايو. هُن اردو رسالي "ماه نو" جي طرز تي سنڌيءَ ۾ ماهوار "نئين زندگيءَ" جي اشاعت شروع ڪئي. پهرين اهو رسالو ليٿو ۾ شايع ٿيندو هو ۽ پوءِ پرنٽ ۾ جاري ٿيو. ڊاڪٽر بلوچ، پاڪستان ۾ ان وقت جي پنجن صوبن جي باري ۾ ڪافي اشاعتن جي شروعات ڪئي، ته جيئن سرحد پار مان ٿيندڙ منفي پروپيگنڊا ڪي منهن ڏئي سگھجي.

ساڳيءَ طرح، ريڊيو پاڪستان لاءِ رابطي جي انتهائي نفيس قسم جي صلاحيتن جي ضرورت هئي، ته جيئن نئين قائم ٿيل ملڪ جو هڪ مثبت تاثر جوڙي سگھجي ۽ سرحد پار مان ٿيندڙ منفي پروپيگنڊا واري جنگ ڪي رد ڪري سگھجي. ان وقت ريڊيو فقط شهري ثقافت، فن ۽ موسيقيءَ جي ترويج لاءِ مخصوص ٿيل هو جنهن ۾ صوبن جي ٻهراڙيءَ جي ثقافت مڪمل طور تي نظر انداز ٿيل هئي. ڊاڪٽر بلوچ، ريڊيو جي ذريعي، لوڪ موسيقي ۽ لوڪ ثقافت ڪي هٿي وٺائڻ لاءِ استعمال ڪيو. هُن انهن فنڪارن ڪي دعوت ڏني، جيڪي ڏورانهين ٻهراڙين سان تعلق رکندا هئا ۽ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪراچي، حيدرآباد يا ڪوئيٽا ڪونه ڏٺو هو.

ريڊيو کان سواءِ، ڊاڪٽر بلوچ لوڪ موسيقيءَ ڪي خانگي گڏجاڻين ۽ شهرن ، ڳوٺن ۽ بزرگن جي ميلن ۾ ٿيندڙ عوامي اجتماعن ۾ به هٿي وٺرائي. مشهور خاتون دانشور عطيه بيگم، جيڪا علامه اقبال ۽ علامه شبلي نعماني جي پايي جهڙن عالمن سان خط و ڪتابت ڪندي هئي ۽ جنهن نيويارڪ ۾ اسلامي مرڪز قائم ڪيو هو سا پاڪستان ۾ موسيقيءَ جي گڏجاڻين ڪي هٿي وٺرائڻ لاءِ آيل هئي. ڊاڪٽر بلوچ اهڙين گڏجاڻين ڪي منعقد ڪرڻ ۾ نه فقط پيش پيش هو پر انهن ۾ ٻهراڙين جي موسيقارن ۽ سازندن ڪي پڻ ٻهرو وٺرايائين. اهو شهري سامعين لاءِ بلڪل هڪ نئون تجربو هو چاڪاڻ ته هنن اڳ ڪڏهن اهڙي موسيقي ڪانه ٻڌي هئي. هُو اهڙين گڏجاڻين ۾ ڳائڻن ڪي متعارف ڪرائيندو هو ۽ پنهنجي تعارفي جملن ۽ پمفليٽن جي ذريعي سامعين ڪي موسيقيءَ جي مختلف رخن جي باري ۾ سکيا به ڏيندو هو. انهيءَ

ڪري، ڊاڪٽر بلوچ ئي اهڙين گڏجاڻين جو سرواڻ مقرر ڪيو ويندو هو. هُن 1950ع ۾ ٿيندڙ 'پاڪستان موسيقي ڪانگريس' جو سووينيئر بہ پيش ڪيو. ان ۾ سندس لکيل مقالو 'سنڌي ۽ ڪلاسيڪي موسيقي جو تعارف' جي عنوان سان بہ شامل هو. پوءِ جڏهن جسٽس فيروز نانا، جيڪو 'آرٽس ڪائونسل پاڪستان' جي ناچ ۽ موسيقيءَ واري سب ڪاميٽيءَ جو انچارج هو تنهن سنڌي موسيقي، آواز ۽ ساز تي هڪڙو ڪانسرٽ ڪرڻ پئي چاهيو. اُن پڻ ڊاڪٽر بلوچ کي ئي بهتر ماڻهو سمجهيو. جيڪو ان ڪانسرٽ کي ڪامياب ڪرائڻ ۾ سندس مدد ڪري سگهيو پئي. ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جي ڏورانهن علائقن مان موسيقار آندا. اسٽيج سنڀاليائين ۽ ضرورت آهر وچت ڪان پهرين هر راڳ، سر، تال ۽ ساز جو تعارف ڏنائين ۽ سنڌي موسيقي ۽ لوڪ ادب جي تاريخ ۽ روايتن تي بہ مختصراً ڳالهايائين.

موسيقيءَ جي انهن موضوعن جي تلاش ۽ انهن جي ترويج، ڊاڪٽر بلوچ جي سموري زندگيءَ جو جنون رهيو. هُن انگريزيءَ ۾ سنڌ جي موسيقيءَ جي سازن تي ڪتاب لکيو. جيڪو بنگاليءَ ۾ ترجمو ٿيو ۽ اُهو موسيقيءَ جي ماهرن پاران مشرقي پاڪستان مان شايع ڪرايو ويو. ڊاڪٽر بلوچ، "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" جي عنوان سان هڪ پورو ڪتاب بہ لکيو. ساڳئي وقت، امير خسرو جي اصلوڪي ڪم جي بہ کوجنا ڪئي، جيڪو "انشاب اصول والفروع الموسيقي" جي عنوان سان هو. ڊاڪٽر بلوچ البيروني ۽ ٻين عرب عالمن جي موسيقيءَ جي حوالي سان ڪم تي بہ تحقيق ڪئي ۽ اها کوجنا ڪيائين، تہ قديم عرب عالمن موسيقيءَ جي علم جو بنياد رياضيءَ جي اصول تي رکيو هو. موسيقيءَ جي انهن علمي ڪمن جو کوجنا کان سواءِ، ڊاڪٽر بلوچ ترڪي، ايران ۽ پاڪستان ۾ "نڙ" جي روايت تي بہ ڪم ڪيو ۽ مولانا روميءَ جي ڪم کي شاهہ عبداللطيف جي موسيقيءَ جي روايتن سان تعلق جي بہ کوجنا ڪيائين. هُو ذاتي طور تي ايران ۾ "نڙ" جي ماهر آغا حسن ڪسائي ۽ ترڪ موسيقارن سان مليو. 2006ع ۾ رمضان واڍي جي سنڌ جي موسيقي تي ڪيل اصلوڪي ڪم کي ايڊٽ ڪندي ڊاڪٽر بلوچ مختلف ملڪن جي بين الثقافتي رشتن جي بہ کوجنا ڪئي. ڊاڪٽر بلوچ صوفي عزيز بلوچ جي ڪم "اسپينش ڪانٽو جوند ۽ انهيءَ جي سنڌ موسيقي ۾ شروعات" کي ايڊٽ ڪندي، سنڌي - عربي موسيقيءَ جو اسپين سان تعلق تي بہ هڪ دري کولي. جڏهن هُو نيويارڪ جي ڪولمبيا يونيورسٽيءَ جو شاگرد هو تہ هُن مغربي موسيقيءَ ۾ بہ عالمانہ دلچسپي ورتي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر بلوچ کي اتي جي ڪلاسيڪي موسيقي - سمفني، اوپيرا ۽ لوڪ موسيقي پسند هئي، پر سندن جاز موسيقي پسند نہ هئي.

ڊاڪٽر بلوچ جي موسيقيءَ جي موضوعن ۾ دلچسپي، سندس دوستن ۽ موسيقيءَ جي ماهرن ۾ ايتري تہ واضح ۽ مشهور هئي، جو اُهي اميد ڪندا هئا تہ هُو موسيقي ۾ پاڻ بہ ڪجهہ ڪندو. جٺرام دولترام سان سندس خطن ۾ اسان کي مخدوم محمد زمان طالب المولي جي هڪ خط جو حوالو ملي ٿو. جنهن ۾ مخدوم صاحب ڊاڪٽر بلوچ کي لنڊن مان 4 آگسٽ 1959ع تي لکيو آهي تہ:

"آئون ڪالهہ کان توهان جي باري ۾ سوچيان پيو ۽ مون توهان کي رات خواب ۾ ڏٺو تہ توهان جي هٿن ۾ ڪو ساز هو جنهن تي توهان ڀيروي راڳ ۾ سنڌي ڪافي ڳائي رهيا هئا. راڳ انتهائي وڻندڙ هو پر پوءِ منهنجي اک کلي وئي."

آگسٽ 1959ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ کي دمشق ۾ پاڪستان مشن ۾ پبلڪ رليشن آفيسر طور چونڊيو ويو. هُو انهيءَ لاءِ ضروري تياريون ڪري رهيو هو تہ ڪيس علامہ آءِ. آءِ. قاضي جو خط مليو جنهن ۾ ڪيس سنڌ

يونيورسٽي ۾ ايجوڪيشن جي پروفيسر طور جوائن ڪرڻ لاءِ چيو ويو. ان خط ۾ چيو ويو ته: "جيڪڏهن توهان جهڙا ماڻهو دمشق هليا ويا، ته هتي سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪير پڙهائيندو؟" علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي چوڻ تي ڊاڪٽر بلوچ مرڪزي حڪومت جي سُڌ سماءَ جي شعبي واري پنهنجي نوڪري تان استعيفا ڏني ۽ سيپٽمبر 1951ع ۾ اچي سنڌ يونيورسٽي جوائن ڪئي.

سنڌ يونيورسٽي ۾ لاڳاپيل ادارا:

(سيپٽمبر 1951ع کان 25 جنوري 1976ع تائين)

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ دوران مختلف ادارن ۾ اهم ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان سواءِ، ڊاڪٽر بلوچ يونيورسٽيءَ اندر ۽ ٻاهر ڪافي ادارا قائم ڪيا.

سنڌ يونيورسٽي 3 اپريل 1947ع تي ڪراچيءَ ۾ امتحان وٺندڙ اداري طور قائم ٿي. اي بي. حليم ان جو پهريون وائيس چانسلر هو. علامہ آءِ. آءِ. قاضي 9 اپريل 1951ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جو ٻن حوالن سان وائيس چانسلر مقرر ٿيو. ڪيس اهي هدايتون هيون ته پهريون ته يونيورسٽيءَ کي يڪدم حيدرآباد منتقل ڪيو وڃي. جيڪو هُن پنجن ڏينهن يعني 14 اپريل تائين ڪيو. ٻيو ته سنڌ يونيورسٽيءَ کي تدريسي يونيورسٽيءَ جي حيثيت تائين ڪڻي وڃجي.

تعليم جو شعبو/ تعليم ۽ تحقيق جو انسٽيٽيوٽ:

علامہ آءِ. آءِ. قاضي پاران يونيورسٽيءَ ۾ مقرر ڪيل پهريون پروفيسر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هو ۽ پهريون قائم ڪيل تدريسي شعبو بہ تعليم جو شعبو هو جيڪو پاڪستان ۾ ڪنهن بہ يونيورسٽيءَ ۾ قائم ڪيل اهڙو پهريون شعبو هو. انهيءَ ڊپارٽمينٽ ۾ 'ڊپلوما ان ٽيچنگ' ۽ 'بيچلرس ان ايجوڪيشن' جي ڪورسن ۾ ڊگري ڏني ويندي هئي. جيڪي اڳتي هلي 'بيچلرس ان ايجوڪيشن' تائين وڌايا ويا چاڪاڻ تہ هاڻ توجهہ پڙهائڻ کان تعليم ڏانهن منتقل ٿيو. پوءِ ايجوڪيشن ۾ ماسٽرس جي ڊگري بہ ڏني وئي. تعليم جي شعبي جي حيثيت، تعليم ۽ تحقيق جي انسٽيٽيوٽ تائين وڌائي وئي. ڊاڪٽر بلوچ 1973ع تائين ان شعبي جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو. انهيءَ سال ڊاڪٽر بلوچ کي 'نئشنل ميرٽ پروفيسر' جي حيثيت عطا ڪئي وئي ۽ ڪيس يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. جنهن عهدي تي هُو 1976ع ۾ اسلام آباد گهرائڻ تائين رهيو.

تعليم ۽ تحقيق جي انسٽيٽيوٽ پاران هر سال "جرنل آف ايجوڪيشن" جي اشاعت ٿيندي هئي، جنهن کي ڊاڪٽر بلوچ ايڊٽ ڪندو هو. اهو 1955ع کان 1975ع تائين جاري رهيو. ڊاڪٽر بلوچ جي اسلام آباد وڃڻ ڪري 1976ع کان 1982ع تائين اهو جرنل نڪرڻ بند ٿي ويو. البت، 1983ع کان 1988ع تائين اهو جرنل دير سان نڪرندو رهيو پر پوءِ بلڪل بند ٿي ويو. ڊاڪٽر بلوچ 1962ع کان 1975ع تائين سنڌ يونيورسٽي جي "جرنل آف ريسرچ: آرٽس اينڊ سوشل سائنسز" جا تيرهن شمارا بہ ايڊٽ ڪيا. ڊاڪٽر بلوچ جي وڃڻ کان پوءِ اهو جرنل پنهنجو موت مري ويو.

تعليم ۽ تحقيق جي انسٽيٽيوٽ پاران ڊاڪٽر بلوچ تي بنيادي مونوگراف "تعليم جي تاريخي پس منظر" تي 'تعارفي سيريز' هيٺ ايڊٽ ۽ شايع ڪرايا. چوٿون مونوگراف "ايجوڪيشن فائونڊيشن سيريز" هيٺ آندو ويو. ان ۾ سيکارڻ جي طريقن تي جعفر البوبڪائيءَ جو فارسي ۾ ڪيل ڪم "حاصلِ

النهج" ۾ شامل هو. اهو قلمي نسخي جي صورت ۾ هو جيڪو ڊاڪٽر بلوچ ڳولي لڌو هو. ان کي ايڊٽنگ ڪري، هڪ مفصل مقدمي سان 1969ع ۾ ڇپايو ويو. اداري پاران "سنڌ جي تعليم تي رپورٽ" ۾ شايع ڪرائي وئي، جيڪا اسسٽنٽ ڪمشنر بي. ايچ. ايلس لکي هئي ۽ سر هينري بارٽر فريئر کي 1852ع ۾ پيش ڪئي هئي. اها رپورٽ 1856ع ۾ برٽش حڪومت پاران بامبي ايجوڪيشن سوسائٽي پريس مان ڇپائي وئي. ان رپورٽ ۾ سر رچرڊ برٽن جا مشاهدا ۾ 'مقامي ۽ برطانوي حڪومت هيٺ مدرسن ۾ مسلمانن جي تعليم' جي عنوان هيٺ شامل هئا.

سنڌي جو شعبو:

1953ع ۾ وائيس چانسلر علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ، ڊاڪٽر بلوچ جي انهيءَ صلاح کي مڃيو ته يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو شعبو کوليو وڃي. ڊاڪٽر بلوچ اتي اعزازي پروفيسر طور ڪم ڪرڻ قبوليو. سندس رهنمائيءَ ۽ هدايتن هيٺ 1953ع کان 1961ع تائين پوسٽ گريجوئيٽ شاگردن ماسترس جي ڊگريءَ لاءِ 50 ٿيسزون پيش ڪيون. انهن مان 15 اصلوڪيون هيون، جڏهن ته 35 ٿيسزون ڇاٽل علمي ڪمن جو ترجمو هيون، جن ۾ حاشيا ۽ تعارف شامل ڪيا ويا.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي:

ڊاڪٽر بلوچ، اول 'سنڌي اڪيڊميءَ' جي شروعات ڪئي هئي. ڊاڪٽر رضي الدين جي وائيس چانسلريءَ دوران انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو خيال پيش ڪيو ويو ته جيئن انڊولاجيءَ جي ڀئي رخ تي روشني وجهي سگهجي. ڊاڪٽر بلوچ جو خيال هو ته سنڌالاجيءَ جو مقام انڊولاجيءَ کان ڀهرين جو آهي. تنهن ڪري سنڌالاجي ۾ مطالعو ضروري هو ته جيئن انڊولاجيءَ جي واضح تصوير سامهون اچي سگهي.

ڊاڪٽر بلوچ هڪڙي اسڪيم جي ڊرافٽ تي ڪم ڪيو ته جيئن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌالاجيءَ جهڙو ادارو قائم ڪري سگهجي. ڊاڪٽر بلوچ، وائيس چانسلر ڊاڪٽر رضي الدين سان گڏجي، تنهن وقت تعليم جي سيڪريٽريءَ ايس. ايم. شريف سان مليو ته جيئن انهيءَ منصوبي تي صلاح ڪري سگهجي. ڊاڪٽر بلوچ، انسٽيٽيوٽ جي ڪيس کي تمام بهتر طريقي سان پيش ڪيو. شروعات ۾ هڪ 'اڪيڊمي' قائم ڪرڻ لاءِ 50 هزار منظور ڪيا ويا. اهڙي اڪيڊمي قائم ڪئي وئي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي چوڻ تي وائس چانسلر ڊاڪٽر رضي الدين پاران محمد حنيف صديقي کي اعزازي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. پوءِ ان وقت سنڌي شعبي جي ليڪچرار ڊاڪٽر غلام علي الانا کي سندس مدد لاءِ مقرر ڪيو ويو. محمد حنيف صديقيءَ جي وفات کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ کي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر بلوچ جي صلاح تي 'اڪيڊمي' نالو تبديل ڪري 'انسٽيٽيوٽ' ڪيو ويو. ڊاڪٽر بلوچ ان جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو ۽ هُن ئي انسٽيٽيوٽ کي اولڊ ڪئمپس مان منتقل ڪري، نيو ڪئمپس ۾ اڳي ئي تعمير ٿيل عمارت ۾ آندو ويو. هاڻ انسٽيٽيوٽ ۾ هڪ وڏي لائبريري، ميوزيم، هيريٽيج گئلري ۽ آڊيٽوريم آهي. ادارو ڪتابن گڏ ڪرڻ، انهن کي محفوظ ڪرڻ ۽ سنڌ تي مواد گڏ ڪرڻ ۽ انهيءَ کي شايع ڪرڻ جو ڪم ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ "علمي آئينو" جي نالي سان هڪ ماهوار جرنل جو به اجراءُ ڪيو.

ادارن جي بنياد وجهندڙن جي تصور ۽ مقصدن کي اڪثر پوءِ ايندڙ نسل صحيح نموني سمجهي ۽ ساراهي نه سگهندو آهي، ڇاڪاڻ جو انهن جا پنهنجا مقصد ۽ ترجيحات هونديون آهن. جيئن ڊاڪٽر

عبدالجبار جوڻيجي نشاندهي ڪئي آهي، ته ٻه ٽي دفعا ترقيءَ جي نالي ۾ 'انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ' کي سنڌ يونيورسٽيءَ کان الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. 1974ع ۾ پهريون ڀيرو ۾ 'انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ' کي خودمختيار ادارو طور سنڌ حڪومت جي حوالي ڪرڻ جو سوچيو ويو. انهيءَ قدم جي مزاحمت ڪئي وئي ۽ ان کي روڪيو ويو. ٻيو ڀيرو 1983ع ۾ ان کي مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪرڻ جو سوچيو ويو. انهي قدم جي به مزاحمت ڪئي وئي ۽ ان کي اختيار واري جڳهه تي ويٺل باضمير ماڻهن پاران روڪيو ويو.

1951ع ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي قيام سان ڊاڪٽر بلوچ ان جي ميمبر جي حيثيت سان چئن پروجيڪٽن ۾ شامل ٿيو. پهريون 'لوڪ ادب' کي سهيڙڻ. ٻيو 'جامع سنڌي لغت' سميت ٻين لغتن جي تاليف. ٽيون اهم ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪم جي ايڊٽنگ ۽ تعارف ۽ چوٿون 'سنڌ جي تاريخ' تي ٿيل ڪم جي ايڊٽنگ

لوڪ ادب:

1955ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ لوڪ ادب جي سهيڙ مطالعي ۽ ان کي معياري بنائڻ جي باري ۾ هڪ تحقيقي اسڪيم جي منصوبابندي ۽ پيشڪش ڪئي. بورڊ ان اسڪيم کي 1956ع ۾ منظور ڪيو ۽ ڊاڪٽر بلوچ ان تي 1957ع کان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ زباني روايتن مان مواد گڏ ڪيو. لوڪ ادب جي 38 مختلف صنفن جي نشاندهي ڪئي وئي ۽ اهڙي مواد جا 42 جلد شايع ڪرايا ويا.

لوڪ ڪهاڻين جا ست جلد ۽ مقبول رومانوي داستانن جا ٻارهن جلد. ڊاڪٽر بلوچ جي عالمانه مقدمي سان مرتب ڪري ڇپائيءَ لاءِ پيش ڪيا ويا. انهن مان هر مقدمو هڪ اعليٰ علمي ڪاوش هو جنهن ۾ انهيءَ صنف جي شروعات ۽ هر ثقافت ۾ انهيءَ صنف جي جڳهه ۽ ڪارج کي واضح ڪيو ويو. لوڪ قصن جي ستن جلدن ۾ بادشاهن، راڻين، شهزادن ۽ شهزادين، وزيرن، سوداگرن، ڏاهن، ٺڳن، جادوگرن، پرين، ڏائڻن، جانورن، پکين ۽ ٻارن جو ڪهاڻيون پيش ڪيون ويون. رومانوي قصن ۾ موکي ۽ متارن، اڊو ڪيهر ۽ هوتل پري، ڦل وڏنو ۽ پوري، لاکو ڦلاڻي، همون ۽ دولهه دريا خان، مير باگو ۽ سنڌ راڻيءَ جا قصا شامل هئا.

شاعراڻه صنفن ۾ مذهبي صنفون، جهڙوڪ: مولود، مدح، مناجاتون، لوڪ صنفون، جهڙوڪ: ڳيچ، سينگار سميت ٻيون صنفون شامل هيون.

لغتن جو ڪم:

1940ع ۾ جڏهن جي. ايم. سيد سنڌ ڪابينه ۾ تعليم جو وزير هو ته سندس اها خواهش هئي ته هڪ جامع سنڌي لغت مرتب ڪئي وڃي. پر اُن تي تيستائين ڪم نه ٿيو جيستائين 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ قائم نه ٿيو. اهو ڪم ڊاڪٽر بلوچ کي ڏنو ويو جيڪو اڳئي ذاتي طور تي انهيءَ تي ڪم ڪري رهيو هو. جي. ايم. سيد انهيءَ پراجيڪٽ کي شروع ڪيو ۽ باقي ميمبر انهيءَ تي راضي ٿيا. وائيس چانسلر علامه آءِ. آءِ. قاضي انهيءَ لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ ڪمرو ڏنو جنهن کي 'ڊڪشنري روم' سڏبو هو. اهو پوءِ ريسرچ سيل ٿيو ۽ اڄ ڏينهن تائين تيستائين لوڪ ادب، لغت، شاهه لطيف سميت سنڌ

جي ڪلاسيڪ شاعرن تي تحقيق جو مرڪز رهيو جيستائين 2005ع ۾ ان کي ماڊل اسڪول جي حوالي ڪيو ويو.

ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي جوانيءَ جي جذبي سان سرشار ٿي، ٿن سالن جي قليل عرصي ۾ ان لغت جو پهريون ڊرافٽ مڪمل ڪيو ۽ اهو ويهن قلمي جلدن جي صورت ۾ بورڊ جي حوالي ڪيائين. جنهن کي ضروري تصحيحن سان پنجن جلدن ۾ ڇپرائڻو هو. ڊاڪٽر بلوچ ان لغت جي ڇپائيءَ ۾ پيش آيل مشڪلاتن جو هلڪو اشارو ڏنو آهي، پر، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سنڌي ٻوليءَ ۾ انتهائي اهميت جي حامل انهيءَ ڪم ۾ ٿيل پورهيي ۽ اُن جي ڇپائيءَ ۾ پيش آيل مشڪلاتن جي تاريخ جو مختصر احوالُ ڊاڪٽر بلوچ تي لکيل پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي. ان لغت جو پهريون جلد 1960ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن ته ان جا باقي جلد ويهن سالن جي عرصي ۾ 1981ع، 1984ع، 1985ع ۽ 1988ع ۾ تمام گهٽين غلطين سميت شايع ٿيا. ڊاڪٽر بلوچ، پوءِ انهن پنجن جلدن تي نظرثاني ڪري، ٽن جلد ۾ شايع ڪرايو. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ان جو پهريون جلد 2004ع، ٻيو جلد 2005ع ۽ ٽيون جلد 2006ع ۾ شايع ڪرايو. ڊاڪٽر بلوچ، پوءِ ان جي ”هڪ جلدي لغت“ به تيار ڪئي، جيڪا سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران 1998ع ۾ شايع ڪرائي وئي. ڊاڪٽر بلوچ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل لفظن تي مشتمل لغت ”روشنيءَ“ جي نالي سان ترتيب ڏني، جنهن کي پڻ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2002ع ۾ شايع ڪرايو ويو.

ان کان اڳ، ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي سهڪار سان سنڌيءَ کان اردو ۽ اردوءَ کان سنڌي لغت پڻ مڪمل ڪيو جنهن جا ٻه جلد 1959ع ۽ 1960ع ۾ شايع ڪرايا ويا. ڊاڪٽر بلوچ، آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي مرتب ڪيل سنڌيءَ کان فارسي لغت پڻ ڳولي لڌي، جيڪا ايڊٽ ڪري 1993ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران شايع ڪرائي وئي.

انسائيڪلوپيڊيا:

جڏهن ڊاڪٽر بلوچ سنڌ يونيورسٽي ۾ هوندو هو ته کيس انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۽ انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام لاءِ مضمون لکڻ لاءِ دعوت ڏني وئي. هُن انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا لاءِ سنڌ ۽ بلوچستان جي موضوعن تي مضمون لکيا. پوءِ جڏهن انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا مائڪروپيڊيا ۽ ميڪروپيڊيا جا ايڊيشن ڪڍيا، ته ڊاڪٽر بلوچ ان ۾ پاڪستان جي موضوع تي لکيو. ڊاڪٽر بلوچ يونيسڪو جي روايتي ثقافتن واري جرنل لاءِ به ثقافت جي موضوع تي مقالا لکيا. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر بلوچ يونيسڪو جي ”وچ اوڀر جي تاريخي ورثي“ جي پروجيڪٽ ۽ لوڪ ادب ۽ موسيقي جي انسائيڪلوپيڊيائن لاءِ به لکيو. هُن اعليٰ تعليم جي انسائيڪلوپيڊيا لاءِ به لکيو.

سنڌ جا ڪلاسيڪي شاعر:

ڊاڪٽر بلوچ، سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪم کي پڻ ايڊٽ ڪيو. انهن شاعرن ۾ قاضي قادن (1999ع)، شاهه لطف الله قادري (1968ع)، ميون شاهه عنات رضوي (1963ع)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شاهه شريف ياڏائي (1972ع)، ۽ فقير صوفي محمد صادق (1981ع)، غلام محمد خانزئي (1985ع)، خليفو نبي بخش لغاري (1966ع)، فقير حمل لغاري (1953ع) ۽ مير عبدالحسين ”سانگي“ (1969ع) شامل هئا.

ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ کانسواءِ پير حزب الله شاهه ”مسڪين“ جي ڪتاب ”ديوانِ مسڪين“، اصغر سائينءَ جي ڪلام ۽ ملفوظاتِ پير صاحب صبغت الله شاهه تي پڻ مفصل مقدما لکيا، جيڪي درگاهه روضي، ڏٽي پير جي ڳوٺ پاران شايع ڪرايا ويا. انهن مقدمن جو هيٺيون خاصيتون آهن:

(الف) انهن بزرگن جي حياتين جا مستند احوال، جيڪي اصلوڪي ذريعن ۽ سندن ويجهو رهندڙن جي زباني روايتن تي ٻڌل هئا.

(ب) تنقيد جي جديد اصولن تحت مواد جي ايڊٽنگ.

(ٻ) انهن صنفن جيءَ حيثيت مطابق انهن ڪمن جو تنقيدي جائزو.

تاريخ تي تيل ڪم:

ڊاڪٽر بلوچ، سنڌ جي تاريخ تي لکيل فارسي ماخذن جي ڪتابن کي ايڊٽنگ ڪري، ان تي مفصل حاشيا ۽ مقدما لکيا. انهن ڪتابن ۾ تاريخ معصومي (1953ع)، چچ نامه (1954ع)، مير علي شير "قانع" جي تحفة الڪرام (1957ع)، خدا داد خان جي لبِ تاريخ سنڌ، مير طاهر محمد نسيانيءَ جي تاريخ طاهري (1964ع)، ادراڪي بيگلاريءَ جو بيگلارنامه (1980ع) شامل آهن. ڊاڪٽر بلوچ، عبدالمجيد جوکيي جي تاريخ سنڌ کي بہ ايڊٽ ڪيو پر اهو سنڌي ادبي بورڊ جي بدران ٻئي هنڌان ڇپيو.

ٻيا ادارا –

ڀٽ شاھہ ڪلچرل سينٽر:

ڊاڪٽر بلوچ، ڀٽ شاھہ ثقافتي مرڪز جو اعزازي سيڪريٽري بہ رهيو جتي هُن ساليانہ عرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنسون منعقد ڪرايون. ڊاڪٽر بلوچ جي نون سازن ۽ آوازن جي ڳولا واري جستجوءِ اهڙين گڏجاڻين ۾ اسٽيج سنڀالڻ واري سنڌس منفرد ڏانءَ سبب، شاھہ لطيف جي پيغام ۽ سنڌ جي ثقافت کي وڌڻ ۽ ويجهڻ جو موقعو مليو. ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ پليٽ فارم تان شاھہ جي رسالي جي مطالعي جا ڪتاب بہ ڇپرايا.

شاھہ لطيف جي سوانح تي فارسيءَ ۾ پهرين ڪتاب مير عبدالحسين "سانگيءَ" جو "لطائف لطيفي" کي ڊاڪٽر بلوچ ايڊٽ ڪري ڀٽ شاھہ ثقافتي مرڪز پاران 1967ع ۾ ڇپرايو. "شاھہ جي رسالي" جو قلمي نسخو لنڊن مان هٿ ڪري 1969ع ۾ ڇپرايو ويو. "شاھہ جي رسالي" جي ٻيا ايڊيشن جيڪي ڏهن مختلف قلمي نسخن تي ٻڌل هئا، سي بہ ترتيب وار 1974ع ۽ 1977ع ۾ ڇپرايا ويا. ساليانہ ميڙاڪن تي "شاھہ جي رسالي" جا مختلف سرن جا مطالعا بہ ڪرايا ويا ۽ اُهي هنن سالن ۾ شايع ٿيا: 1970ع ۾ ڪلياڻ، 1971ع ۾ يمن ڪلياڻ، 1972ع ۾ سر ڪنيات، 1973ع ۾ سر سريراڳ، 1974ع ۾ سر سامونڊي، 1975ع ۾ سر سهڻي، 1976ع ۾ سر معذوري ۽ 1977ع ۾ سر معذوي. شاھہ لطيف تي ساليانہ يادگار نمبر 1953ع کان ڇپرايا پيا وڃن.

مهراڻ آرٽس ڪائونسل:

ڪمشنر حيدرآباد جي صدارت هيٺ "مهراڻ آرٽس ڪائونسل" قائم ڪئي وئي ۽ ڊاڪٽر بلوچ ان جو اعزازي سيڪريٽري مقرر ٿيو. ڊاڪٽر بلوچ مختلف اسڪيمن تي ڪم ڪيو اختياري وارن کي گرانٽ لاءِ ميجرايو. ڪائونسل لاءِ پلاٽ خريد ڪيو ۽ لطيف آباد ۾ ان تي عمارت تعمير ڪرائي. ان پليٽ فارم تان ڪيترن ئي اهم فنن ۽ هنرن جي ترويج لاءِ سيمينار ۽ ڪانفرنسون منعقد ڪرايون ويون ۽ ڪيترائي اهم ڪتاب شايع ڪرايا ويا.

ڊاڪٽر بلوچ 1966ع ۾ سنڌو سيپيتا جا ساز لکيو جنهن ۾ هُن بوڙينڊو نفيل، دلو گهاگهر، يڪتاري، چنگ، نڙ، دهل، شهنائي، مگرمان، نغارا، ڍولڪ، دف، سرندو بانسري، مرلي، پاوا يا بينن ۽ دنبوري يا طنبوري جي باري ۾ لکيو. ’شاهه عبداللطيف: نئين موسيقي جي سلسلي جو باني“ ۽ بيو الياس عشقيءَ جو ”سنڌ ۾ موسيقيءَ جي روايت: هڪ ابتدائي جائزو“. ان ڪم جو بنگاليءَ ۾ ترجمو ٿيو ۽ 1970ع ۾ ڍاڪا مان لوڪ موسيقيءَ جي تحقيقاتي گروپ پاران شايع ڪرايو ويو. ڊاڪٽر بلوچ، صوفي عزيز بلوچ جي ڪم ”اسپينش ڪانٽو جوندو ۽ انهيءَ جي سنڌ موسيقي ۾ شروعات“ ايڊٽ ڪيو جنهن کي مهراڻ آرٽس ڪائونسل پاران 1966ع ۾ ڇپرايو.

مهراڻ آرٽس ڪائونسل 22 مئي 1966ع تي سنڌ جي روايتي هنرن ۽ فن تي سيمينار منعقد ڪرايو، جنهن ۾ ڪيترن ئي عالمن انهن هنرن تي پنهنجا مقالا پڙهيا. انهن هنرن ۾ رلي، ڪاشي، قالين سازي، نقاشي يا ڪمان گيري ۽ زردوزي شامل هئا. اهي مقالا، ڊاڪٽر بلوچ ايڊٽ ڪري، مهراڻ آرٽس ڪائونسل پاران 1966ع ۾ ”حيدرآباد جا روايتي هنرن ۽ فن“ جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو. مهراڻ آرٽس ڪائونسل پاران 1969ع ۾ ”سپ رنگ“ جي عنوان سان پڻ ڪتاب ڇپرايو ويو جنهن ۾ لوڪ موسيقي جي سيني رخن تي مختصر روشني وڌل هئي. هن ڪتاب جي ايڊيٽنگ ۽ تعارف به ڊاڪٽر بلوچ ڪيو.

آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ سان تاريخي ماڳن جي بچاءَ ۽ ميوزم قائم ڪرڻ لاءِ سهڪار:

ڊاڪٽر بلوچ، ڀنڀور ۽ منصوره سوڌو بين ماڳن جي کوٽائي، ڀنڀور، عمرڪوٽ ۽ حيدرآباد قلعي ۾ ٽالپرن جي ميوزمن قائم ڪرڻ سميت آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ جي بين ڪيترن ئي فيصلن ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هُن آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ کي اها ڳالهه مڃرائي، ته هُو حيدرآباد ۾ پنهنجي زونل آفيس قائم ڪن. سندس ڪوشش سان حيدرآباد جي قلعي جي پٽ، ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مسجد، ميين وهنيبي ۽ لانڍيءَ جي قبرستانن ۽ مير شهداد خان جي قبي سميت ڪيترائي ماڳ محفوظ ٿيا. آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ جو ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر ايف. اي خان انهن پروجيڪٽن حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ جي سهڪار کي قدر جي نگاه سان ڏسندو هو. اُن وقت، فنانس کاتي جي سيڪريٽريءَ ممتاز حسن به سندس اهڙن ڪمن ۾ ساٿس سهڪار ڪيو. ضلعي جي اهلڪارن ۽ خاص طور تي قاضي سچيڏني ۽ محمد اسماعيل ٽُون پڻ اهڙين گڏجاڻين کي منعقد ڪرائڻ ۾ پيش پيش هوندا هئا.

انهن سيني سرگرمين جو مکيه مقصد ميوزمن کي قائم ڪرڻ هو. انهيءَ لاءِ حيدرآباد ۾ راڻي باغ لڳ زمين هٿ ڪئي وئي ۽ عمارت تعمير ڪرائي وئي، ته جيئن سنڌ صوبائي ميوزيم ۽ لائبريري قائم ڪرائي سگهجي جنهن لاءِ ڊاڪٽر بلوچ 1951ع کان ڪم ڪري رهيو هو. انهيءَ مقصد لاءِ حڪومتِ پاڪستان جي چيف سيڪريٽريءَ بي. اي قريشيءَ کان گرانٽ ورتي وئي ۽ سنڌ صوبائي ميوزم ۾ گهربل سامان رکرائي، ان کي عوام لاءِ کوليو ويو. ڊاڪٽر بلوچ ان جو اعزازي ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. ان لاءِ هُن پنهنجي ذاتي ملڪيت مان تاريخي شيون، سڪا ۽ هنري شيون پڻ ڏنيون. ڊاڪٽر بلوچ سمٿسونين انسٽيٽيوٽ واشنگٽن ۾ ’سنڌي هائوس‘ کي قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور سهڪار ڪيو.

پهرين ميوزيم ائسوسيئيشن قائم ڪئي وئي، جنهن جو پهريون صدر ممتاز حسن ۽ ڊاڪٽر بلوچ پهريون سيڪريٽري هو. پهرين ميوزم ڪانفرنس، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ منعقد ڪئي وئي.

ڪانفرنسون: سنڌ صدين ڪان:

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سائنس، فلسفي، تاريخ ۽ ادب جي موضوعن تي ڪانفرنسون ڪرائڻ جي روايت رهي آهي. انهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ هميشه ڀرپور نموني ۾ حصو ورتو آهي. پاڻ جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسلر هئا، ته سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي گڏيل سهڪار سان ڪراچيءَ ۾ 2 کان 5 مارچ 1975ع تائين 'سنڌ صدين کان' جي عنوان سان هڪ يادگار ڪانفرنس منعقد ڪرايائون. ڊاڪٽر بلوچ مکيه ميزبان جي حيثيت سان ڊيليگيٽس کي انهن تاريخي ماڳن جي سير لاءِ وٺي ويو جن ماڳن تي انهن ڪانفرنس ۾ مقالا پڙهيا پئي ويا. ريڊيو پاڪستان، ان ڪانفرنس جي تمام وسيع نموني ۾ ڪوريج ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ پڙهيل 32 مقالن کي ڊاڪٽر حميده کهڙو ايڊٽ ڪري، آڪسفورڊ يونيورسٽي پاران 1981ع ۾ هڪ ڪتاب جي صورت ۾ ڇپرايا. اهي مقالا هنن عنوان تحت پيش ڪيا ويا: سنڌ هڪ عام جائزو، سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ، سنڌ شروعاتي مسلم دؤر ۾، سنڌ مغلن کان وٺي، سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌ جو مطالعو. ايچ. ٽي. لئمبرڪ، جي وي ليهزن، جي. اي بوائل، ايس. ڊگباءِ، سي. ايف. بڪهنگم، اينميري شمل، اي آءِ. ڪينز پرپولا ۽ جان بورڊئي انهن عالمن مان ڪجهه نالا آهن، جن مختلف موضوعن تي پنهنجا مقالا پڙهيا. انهن مان 23 مقالا ممتاز مرزا جي سنڌي ترجمي سان پيٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران 1982ع ڇپايا ويا.

1975ع ۾ منعقد ٿيل پاڪستان جي تاريخ ۽ ثقافت جي ڪانگريس جي ڪاميابيءَ جي باري ۾ راءِ ڏيندي ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ ڊاڪٽر بلوچ کي پنهنجي 2 مئي 1975ع واري خط ۾ لکيو ته:

> "سيئي آيل ڊيليگيٽس ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ڪانگريس دوران توهان جي مهربانين ۽ ذاتي ڪاوشن جي ڪري توهان جا شڪر گذار آهن. اسان سڀني کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ گهاريل اهو عرصو هميشه ياد رهندو. ساڳئي وقت، اسان کي توهان جي مهمان نوازي، توهان جي عاجزي ۽ سخاوت به ياد رهندي"

اسلام آباد ۾

(26 جنوري 1976ع کان جون 1989ع)

تعليم ۽ ثقافت جون وزارتون:

ڊاڪٽر بلوچ کي اُن وقت جي وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي گهرايو ته جيئن هُو تعليم جي وزارت ۾ آفيسر بڪار خاص جا فرائض سرانجام ڏي. ڀٽو صاحب، ڊاڪٽر بلوچ کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو. پنهنجي پهرين ملاقات ۾ ڊاڪٽر بلوچ کيس اهو واضح ڪيو ته تعليم ۽ سکيا جي واڌاري لاءِ سونپيل ڪو به ڪم هُو پنهنجي پوريءَ ايمانداريءَ سان ڪندو پر ڪانئس اها اميد نه رکي وڃي ته هُو پروپيگنڊا يا ڌُرائتي سياست جو آلهء ڪار ٿيندو. ڀٽي صاحب ڏاڍي فراخدليءَ سان سندس اها ڳالهه مڃي ۽ ڊاڪٽر بلوچ تعليم ۽ ثقافت جون وزارتن ۾ آفيسر بڪار خاص جي اهم عهدي تي مارچ 1979ع تائين ڪم ڪندو رهيو. انهيءَ دوران ڊاڪٽر بلوچ 1976ع ۾ قائداعظم جي ۽ 1977ع ۾ علامه اقبال جي سؤ ساله ولادت جي تقريبن جي نگراني ڪئي. ڊاڪٽر بلوچ، وفاقي پبي ڪميشن ۽ فيبرل رويو بورڊ جي ميمبر جي حيثيت سان به ڪم ڪيو.

ڊاڪٽر بلوچ سان پنهنجي ڪم ڪار واري تعلق ڪي سارينديِ ڪيبنيٽ ڊويزن جي جوائنٽ سيڪريٽري پروفيسر نذير احمد اها راءِ ڏني ته "ڊاڪٽر بلوچ جي باري ۾ سندس ڀرپور راءِ اها هئي ته هُو هڪ شاندار عالم هو. ڊاڪٽر بلوچ پاڻ سان عربي ۽ فارسيءَ جي ڪلاسيڪي علمي روايتن جو امين هو. جن روايتن ۾ وري علي ڳڙهه جي تحريڪ جو به اثر هو." هتي اهو مناسب ٿيندو ته پروفيسر نذير احمد جي ذڪر ڪيل ڊاڪٽر بلوچ جي ڏاهپ جا ٽي مثال ڏيون.

1. سرڪاري گڏجاڻين ۾ ڊاڪٽر بلوچ سيني کي غور سان ٻڌندو هو ۽ ڪڏهن به پنهنجي علميت جو نه ڪو ڏيکاءُ ڏيندو ۽ نه وري پنهنجي راءِ ٻين تي مڙهيندو هو. سندس طريقي ڪار هميشه عملي سوچ جو آئيندار رهيو.
2. جشنِ آزادي جي موقعي تي اشاعتن جي حوالي سان پروفيسر نذير احمد يادگيريون سارينديِ ذڪر ڪيو ته هُو اُهي گڏجاڻيون ڪي ڪوٺائيندو هو جن جي صدارت ڊاڪٽر بلوچ ڪندو هو. ڊاڪٽر بلوچ جي ذهن ۾ اها ڳالهه واضح هوندي هئي ته جشنِ آزاديءَ جي موقعي تي ٻارن ۾ ورهائجندڙ ڪتابن ۾ به ڳالهيون ضرور هئڻ گهرجن: هڪ ته اهي موقعي جي مناسبت سان نهڪندڙ هجن. ٻيو ته ان جو حڪومتِ وقت سان ڪو به سروڪار نه هجي. ان منصوبي تي انهن ئي بنيادن تي عمل درآمد ڪيو ويو ۽ ان ۾ سيني جي رضامندي به شامل هوندي هئي.

اها ڳالهه واضح هئي ته وقت جي حڪمرانن ۽ خوشامد تي عادي درٻارين وٽ اهو عالمانه طريقي ڪار نه آڙبو هو.

3. جڏهن مرحوم محمد خان جوڻيجو ملڪ جو وزير اعظم ٿيو ۽ 14 آگسٽ جون تقريبون ايوانِ صدارت مان منتقل ڪيون پئي ويون، ته ڊاڪٽر بلوچ جي ئي اها راءِ هئي ته اهي تقريبون پارليامينٽ هائوس جي سامهون ڪيون وڃن ۽ انهيءَ راءِ کي بنان ڪنهن بحث جي سرڪاري طور منظور ڪيو ويو.

نئشنل ڪميشن/ انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ:

1 جولاءِ 1979ع تي ڊاڪٽر بلوچ تاريخ ۽ ثقافت جي تحقيق واري قومي ڪميشن جو چيئرمين مقرر ٿيو. چاڪاڻ جو اي. ڪي. بروهي، صدر ضياءُ الحق سان وزير طور ڪافي ويجهو هو تنهنڪري هُو 1978ع ۾ قائم ڪيل نئشنل هجره ڪائونسل جو به سربراهه هو. اها ڪائونسل 15 هجري صدي جي شروع ٿيڻ جي سلسلي ۾ اسلامي ملڪن جي تنظيم جي ڪيل فيصلن جي تحت قائم ڪئي وئي هئي. هجري صديءَ جي شروع ٿيڻ واري موقعي کي ملهائڻ لاءِ سموري ملڪ ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون. ڊاڪٽر بلوچ تاريخ ۽ ثقافت جي تحقيق واري قومي ڪميشن جي چيئرمين جي حيثيت سان جولاءِ 1980ع ۾ "تاريخ ۽ ثقافت جي قومي هجره ڪانفرنس" منعقد ڪئي. ان ڪانفرنس جو افتتاح صدرِ پاڪستان ڪيو ۽ ان ۾ سٽر ڊيليگيٽن انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۾ پنهنجا مقالا پڙهيا. پنهنجي مواد، انتظام ۽ مجموعي اثر سبب اها ڪانفرنس هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿي.

انسٽيٽيوٽ، سندس ايامڪاريءَ دوران هلندڙ اهم سرگرمين سان گڏ، ڪجهه ٻيا به اهم ڪم شروع ڪيا.

1. تاريخ ۽ ثقافت جي پاڪستان جرنل جي اشاعت.
2. اداري ڪان ٻاهر عالمن سان رابطو ڪري ڪين اداري لاءِ تحقيقي ڪمن لاءِ آماده ڪرائڻ.

3. عالمن کي مختلف اهم موضوعن تي ڪتاب لکرائڻ تي آماده ڪرائڻ. جولاءِ 1979ع کان 30 جون 1983ع تائين ڊاڪٽر بلوچ جي ايامڪاريءَ دوران، انسٽيٽيوٽ مان 31 اهڙا ڪتاب شايع ڪرايا ويا. ڊاڪٽر بلوچ انهن مان هيٺيان ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا.

- چچ نامہ: انگريزي ترجمو، فارسي متن سميت، مفصل حاشيئن ۽ مقدمي سان
- انڊونيشيا ۾ اسلام جي آمد
- مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڪابل ۾ قيام دوران ڊائري

اهڙيءَ طرح، ٻيا هيٺيان منصوبا بہ مڪمل ڪيا ويا:

- پاڪستان: هڪ جامع ڪتابن جي فهرست ۽ سرڪاري اشاعتون 80_1947ع
- ٻامبي کان سنڌ جي علحدگي، ٻہ جلد، ايڊيٽنگ ڊاڪٽر حميده کهڙو
- ٽيڪسيلا جي علائقي جي تاريخ
- ڇهن جلدن تي مشتمل هيٺين علائقن جي فنِ تعمير جي تاريخ (1) پاڪستان (2) ٺٽو ۽ مڪلي (3) اچ (4) ملتان (5) لاهور (6) اترين علائقن جي ڪاٺ جي عمارت سازي. پهرين ۽ پنجين جلد کان سواءِ، ٻيا سڀ ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ جي ايامڪاريءَ دوران شايع ٿيا. ٺٽي ۽ مڪليءَ وارو ڪم ڊاڪٽر احمد حسن داني کي ڏنو ويو. ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر احمد حسن داني سان گڏ ٺٽي بہ ويندو هو ۽ ڪيس هر ممڪن مدد ڪندو هو. هُن ٺٽي شهر جي تاريخ تي مفصل تعارف بہ لکيو جيڪو ان ڪتاب جي ضميمي طور شايع ٿيو.
- ڊاڪٽر بلوچ برصغير جي مسلم حڪومت جي 25 جلدن ۾ تاريخ جي بہ منصوبابندي ڪئي . ان ۾ پهريان ست جلد هيٺين دؤرن جي باري ۾ اصلوڪي ماخذن تي مشتمل هئا: (1) 'فتح نامہ سنڌ' (فارسي، عربي ۽ انگريزي) (2) عرب دؤر (3) غزنوي دؤر (4) غوري سلطان ۽ دهليءَ جو غلام خاندان (5) خلجي دؤر (6) تغلق دؤر (7) افغان بادشاهہ، لوڌي ۽ سُوري دؤر.

وڌيڪ 8 کان 12 جلدن تائين مغل دؤر جي باري ۾ هجن ها: (8) بابر ۽ همايون (9) اڪبر (10) جهانگير ۽ شاهجهان (11) اورنگزيب (12) مغلن جو زوال.

ان کان پوءِ وارا ست جلد 13 کان 19 تائين وري مقامي حڪمرانن جي باري ۾ ٿيڻا هئا: (13) بنگال، جونپور ۽ اوڌ جي سلطانن جي باري ۾ (14) دکن ۽ ميسور (15) گجرات ۽ مالوا (16) سنڌ (17) پنجاب ۽ سرحد (18) بلوچستان ۽ (19) ڪشمير.

(20) جلد برطانوي راڄ ۽ آزادي جي تحريڪن جي باري ۾.

آخري پنج جلد 21 کان 25 تائين اسلامي ورثي جي مختلف رخن جي باري ۾ ٿيڻا هئا. (21) حڪومتي ادارن (22) تعليم، سماجي علمن، سائنس، رياضي، طرف شناسي (23) مواصلات، شهري ترقي، زراعت، صنعت، ٽيڪنالاجي، وڻج ۽ واپار (24) فنِ تعميرات ۽ ان سان لاڳاپيل هنر (25) ادب.

اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد:

اسلامي ملڪن جي تنظيم جي پرڏيهي وزيرن جي ڪاميٽيءَ جي رٿن مان هڪ 'اسلامي يونيورسٽي، اسلام آباد' جو قيام جي باري ۾ بہ هئي. نئشنل هجره ڪائونسل حصي جي طور اي ڪي. بروهي ان جو پهريون ريڪٽر مقرر ٿيو. جڏهن تہ ڊاڪٽر بلوچ کي ان جي پهرين وائيس چانسلر جي 22

نومبر 1980ع تي جز وقتي ذميواري ڏني وئي. اهڙيءَ طرح، هڪ يونيورسٽيءَ کي بُنياد کان قائم ڪرڻ وارو ڏکيو ڪم ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي ٿيو.

اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جي قائم ٿيڻ جي باري ۾ اڳوڻي مذهبي مامرن جي وزير ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي مقرر ڪيل فيڪلٽيءَ جي واحد حيات ماڻهوءَ ڊاڪٽر محمد غازي جي راءِ هئي ته: "پاڪستان جي اعليٰ تعليم جي تاريخ ۾ اها واحد يونيورسٽي هئي، جتي يونيورسٽيءَ جي آرڊيننس پاس ٿيڻ کان پوءِ، سِٽ ٿي بنا سامان ۽ سهولتن، بجيٽ، اسڪيم، رٿ ۽ پي سي ون جي ڪا يونيورسٽي وجود ۾ آئي. اهي سڀ شيون يونيورسٽي قائم ٿيڻ کان پوءِ ٿيون ۽ نه اڳ."

ڊاڪٽر محمد غازيءَ چواڻي ته اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جيئن ئي پنهنجي پيرن ير ٿي، ته نوڪرين جي مُتلاشي ۽ سازشين ماڻهن انهيءَ يونيورسٽي کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪرڻ جي رٿ رٿي. ڊاڪٽر بلوچ جي لاءِ مسئلا پيدا ڪيا ويا، جن کي هُن بهادريءَ، بي لوثيءَ ۽ سچائيءَ سان منهن ڏنو. انهن سازشن جو نتيجو اهو نڪتو ته ڊاڪٽر بلوچ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏني.

ڊاڪٽر محمد غازيءَ مطابق، اها تبديلي اوچتي ۽ غير مهذب طريقي سان ۽ ملڪ جي واڳ ڌڻين جي بي قدريءَ جي ڪري ٿي. هُو اڳتي لکي ٿو ته: "اها بدقسمتي هئي، ته ڊاڪٽر بلوچ جي خدمتن ۽ سچائيءَ جو قدر نه ڪيو ويو. صدر ضياءالحق، پوءِ ڊاڪٽر بلوچ کي هڪ خط لکيو جنهن ۾ سندس ڪيل ڪم جي تعريف ڪندي سندس خدمتون بئي هنڌ استعمال ڪرڻ جا انتظام ڪرڻ جو لکيو ويو."

پر، اها سوچڻ جي ڳالهه آهي ته آخر انهيءَ بي قدريءَ ۽ عداوت جا سبب هئا، جنهن ڪري هن يونيورسٽيءَ کي مضبوط بنيادن تي قائم ڪندڙ باني وائيس چانسلر جي هٽائڻ يا استعيفيٰ تائين وڃي ڳالهه پهتي. ڊاڪٽر محمد غازي ان جا ڪي اشارا ڏيندي ٻڌايو ته ڊاڪٽر بلوچ انهن ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ جو شڪار ٿيو، جن هن پروجيڪٽ کي ڪامياب ٿيڻ نه پئي گهريو. پر، سوچڻ جي ڳالهه آهي ته انهن ماڻهن جي ڊاڪٽر بلوچ خلاف ڪاوڙ جا سبب ڇا هئا ۽ ڇو انهن ماڻهن هن پروجيڪٽ کي ڪامياب ٿيڻ نه پئي گهريو. ڊاڪٽر محمد غازي ان جو هلڪو اشارو ڏيندي ٻڌايو ته: "اهي ساز ڪندڙ پنهنجا ئي ساٿي ۽ نوڪرين جا مُتلاشي هئا."

انهن سازڪندڙن ۽ نوڪرين جي متلاشين جي سازشن جو نتيجو اهو نڪتو ته ڊاڪٽر بلوچ واپس تاريخ ۽ ثقافت جي تحقيق واري قومي ڪميشن جي ڊائريڪٽر واري جڳهه تي ويو. اي. ڪي. بروهي به ريڪٽر واريءَ حيثيت تان لٿو ۽ ڊاڪٽر ايم. افضل اسلامي يونيورسٽي جو نئون وائس چانسلر مقرر ٿيو.

ڊاڪٽر بلوچ سان اختيار ڪيل اهو سلوڪ هن قسم جي سماج ۾ ڪا غير معمولي ڳالهه نه هئي. ڊاڪٽر محمد غازي اهو لکيو ته: "جيڪي ڪجهه ڊاڪٽر بلوچ سان ٿيو سو اسان جي تاريخ ۾ ڪيترن ئي سچن ماڻهن سان اڳي به ٿيو آهي. مون کان سواءِ انهن پاڪستاني استادن مان ڪير به باقي نه رهيو آهي، جيڪي اسلامي يونيورسٽيءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي ادا ڪيل ڪردار جا شاهد آهن."

اسلامي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽر بلوچ جي ائين بي وقتائتي وڃڻ سان انهن چند عالمن کي وڏو صدمو رسيو جن سان سندس علمي ۽ روحاني تعلق هو.

22-09-1981ع تي لکيل محمد الياس ايڙي پنهنجي خط ۾ لکيو ته: "اسان فطري طور تي غمزده ٿيا آهيون، ته توهان اسلامي يونيورسٽي ڇڏي آهي. توهان ڪافي ڪاميٽين جا ميمبر هئا ۽ مون مستقبل ۾

توهان جي رهنمائيءَ جي اميد پئي رکي. وائيس چانسلرن جي گڏجاڻين ۾ توهان جي موجودگي اسان لاءِ مسرت جو باعث هئي. اسان توهان کي سدائين ياد ڪندا رهنداسين.“

ساڳين احساسن کي پروفيسر اسماعيل الفاروقيءَ پنهنجي 13 سيپٽمبر واري خط ۾ بيان ڪندي ڊاڪٽر بلوچ سان قائم ڪيل پروسي ۽ سهڪار واري تعلق کي ساراهيو آهي. هُن ڊاڪٽر بلوچ جون ٽي اعليٰ خوبيون بيان ڪيون آهن جيڪي پروسي ۽ سهڪار واري انهيءَ تعلق کي قائم ڪرڻ جون سبب بڻيون: سنڌس اڳواڻي ڪرڻ واري صلاحيت، صاف گوئي ۽ حليم طبعيت.

”وائيس چانسلر واري عهدي جي تبديليءَ اسان کي ڏکارو ڪيو. اسان گڏجي پروسي ۽ سهڪار وارو شاندار تعلق قائم ڪيو جنهن کي هاڻ پئي سان قائم ڪرڻ ڏکيو آهي. توهان جي اڳواڻي ڪرڻ واري صلاحيت، صاف گوئيءَ ۽ حليم طبيعت جو ڪو نظير نہ آهي. مون کي اوهان سان تعلق ۽ اسلامي يونيورسٽي ۾ توهان جي دؤر جي حاصلات تي فخر آهي. شال الله توهان کي انهن خدمتن جو صلو ڏي توهان جي عهدي تان وڃڻ وارو ڏک برادر جي زندگيءَ مان وڃڻ واري ڏک کان وڌيڪ آهي.“

پروفيسر اسماعيل الفاروقي ۽ سندس گهرواري پئي وڏي مرتبي وارا عالم هئا. انهن جو ڊاڪٽر بلوچ سان پوءِ بہ سهڪار جاري رهيو جڏهن ڊاڪٽر بلوچ ’نئشنل هجره ڪائونسل‘ طرفان عظيم ڪتابن وارو پروجيڪٽ شروع ڪيو. اهو سهڪار تيستائين برقرار رهيو جيستائين مئي 1986ع جي آخر ۾ سندن افسوسناڪ قتل ٿيو.

اسلامي تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب جي انسٽيٽيوٽ ۾ فرائض:

اسلامي يونيورسٽيءَ جي بار مان آجو ٿي، ڊاڪٽر بلوچ 25 جلدن جي پنهنجي تاريخي اهميت واري پروجيڪٽ تي اسلامي تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب جي انسٽيٽيوٽ تي توجهہ ڏيڻ شروع ڪيو. اهو ادارو ان وقت حيثيت جي لحاظ کان اسلامي يونيورسٽي جي برابر هو.

پر 25 جلدن جي تاريخي اهميت واري انهيءَ پروجيڪٽ کي پڙ ختم ڪيو ويو. ڊاڪٽر سليم اختر انهيءَ ڏس ۾ ڪجهہ اشارا ڏنا آهن. تہ اهڙي علمي ۽ فائديمند پروجيڪٽ کي ڇو وس وارن ڌرين پاران ايتريءَ مخالفت جو منهن ڏسڻو پيو. ان جو سبب اسلام کان اڳ واري تاريخ جي باري ۾ هڪ عام عداوت هئي، خاص طور تي 712 کان وٺي 1857ع تائين جي دؤر جي باري ۾ جنهن جا سبب هيءَ هئا:

1. انسٽيٽيوٽ ۾ ڪيترا ئي پيشيور تاريخدان رڳو آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد واري دؤر يعني 1857ع کان 1947ع تائين مهارت رکندا هئا.
2. اختياري وارين ڌرين جي تاريخ ڏانهن ڪوتاهہ نظري هئي، جنهن سبب انهن جو علميت ڏانهن اهڙو رويو هو.

تاريخدانن جي مهارت جي ڳالهہ ڪجي، تہ پاڪستان جا تاريخدان، جيترو ٿي سگهندو اٿن تہ چند اهم شخصيتن کان سواءِ 1857ع کان 1947ع تائين واري دؤر جي ٻين ڪيترن ئي اهم شخصيتن ۽ تحريڪن کي نظرانداز ڪندا رهيا پئي آهن، جن برطانوي سامراجي قوتن جي خلاف جنگ جوٽي. انهن ۾ شيخ الهند مولانا محمود الحسن، مولانا محمد علي جوهر، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا امروٽي، پير سرهندي، علامہ مشرقي ۽ سنڌس خاڪسار، پير پاڳارو صبغت الله شاهہ راشدي ۽ سندس مريدن انفرادي ۽ گڏيل طور تي برطانيہ کان آزاديءَ واريءَ مزاحمتي ويڙهہ دوران ڪيترين ئي تڪليفون سَٺيون. پر اها

عجيب ڳالهه آهي تہ حڪومت طرفان تيار ڪيل نصاب ۾ انهن شخصيتن ۽ تحريڪن جو ڪو بہ ذڪر ٿيل نہ آهي. ڊاڪٽر سليم اختر مطابق، ڊاڪٽر بلوچ جي تيار ڪيل انهيءَ اسڪيم ۾ سندس تاريخ جي بابت وسيع ۽ گهري نظر ۽ سندس ترجيحات ظاهر ڪن ٿيون. هڪ بلند ۽ بالغ نظر عالم جي حيثيت سان ڪيس خبر هئي، تہ اسان جي وچين دؤر جي تاريخ سان ڇا ٿي رهيو هو ۽ اسان جي ماضيءَ جي ورثي سان ڪهڙي قسم جو سلوڪ ڪيو پئي ويو. هُن ڄاتو ٿي تہ اسان جا حڪمران ۽ عالم اسان جي شاندار ماضيءَ جي رڪارڊ سان ڪهڙو تنگ نظريءَ سان سلوڪ ڪندا ۽ ڪيئن اسان جي عاليشان ماضي ۽ اسان جي آزاديءَ ۽ خوش قسمت دؤر کي نظر انداز ڪندا. ڪيس خبر هئي تہ انهيءَ تاريخ لاءِ رڪاوٽون، مخالفتون ۽ زوال انتظار ڪري رهيا هئا ۽ ڪهڙيءَ طرح اسان جي تاريخ جو سونهري دؤر وساريو پئي ويو.

جيتوڻيڪ ڊاڪٽر بلوچ کي خبر هئي تہ تاريخ جي باري ۾ انهيءَ ظالمانہ بي ڌيانيءَ کي هُو روڪي نہ پئي سگهيو پر هُن چاهيو پئي تہ اهڙو ڪو بند ٻڌي، تہ جيئن اسان جي وڏن جون اهي شاندار حاصلات لڙهي نہ وڃن ۽ اسان جو قيمتي ورثي کي ماٺهو بچائي وٺن. اها ڳالهه واضح آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ جي اها ڪوشش برصغير جي عظيم تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي بچائڻ جي آخري مثبت ڪوشش هئي، تہ جيئن چوڏهن سؤ سالن جي قيمتي ورثي کي تاريخي بي ڌيانيءَ جي ناقابل تلافي نقصان کان بچائي سگهجي. پر اهم ماڻهو جن لاءِ هن ڪائنات جي تهڻ جو عمل 1857ع کان شروع ٿي 1947ع ۾ ختم ٿيو سي انڪار واريءَ حالت ۾ رهندي، هيٺين ٽن موضوعن تي ڪم ڪرڻ کي ضروري نہ پئي سمجهيو:

1. هُنن کي موئن جي دڙي ۽ هڙاپا جي 5000 سالن تاريخ ۾ بلڪل ٿوري ئي دلچسپي هئي.
2. اسٽيبلشمينٽ کي هاڻوڪي پاڪستان ۽ انڊيا ۾ مسلمانن جي 1300 سؤ سالہ حڪومت جي تاريخي ڄاڻ کي پکيڙڻ ۽ برصغير جي هنن علائقن جي ماڻهن جي بينڪي راڄ خلاف جدوجهد جي تاريخ ۾ ڪابہ دلچسپي نہ هئي.
3. اسٽيبلشمينٽ کي مسلمانن جي 1400 سالن جي ثقافتي، سائنسي ۽ ادبي ورثي، سندن يورپي لوڪن سان رابطن ۽ مغربي دنيا ۾ سڌارن ۽ نشاطِ ثانيہ آڻڻ واري مسلمانن جي ڪردار ۾ ڪابہ دلچسپي نہ هئي.

- ان ڪري، ماضيءَ جي انهيءَ شاندار ورثي کي اڳيان آڻڻ وارين منصوبن کي نفرت وچان روڪي ۽ مڪمل ٿيڻ کان اڳ بند ڪيو ويو.

نيشنل هجره ڪائونسل:

’نئشنل هجره ڪاميٽيءَ‘ جي حيثيت ’نئشنل هجره ڪائونسل‘ تائين وڌائي وئي، جنهن جو چيئرمين اي. ڪي. بروهيءَ کي ڪيو ويو ۽ ڊاڪٽر بلوچ کي ان جو صلاحڪار طور شامل ٿيڻ جو سڏ ڏنو ويو. ’اسلامي تهذيب جا عظيم ڪتاب‘ واري پروجيڪٽ جي شروعات کان اڳ، ڊاڪٽر بلوچ مسلم دنيا لاءِ ٽن اهم ڪتابن جي ڇپائيءَ جي تياري ڪئي.

1. سيد امجد عليءَ جو ڪتاب ”اڄ جي مسلم دنيا“ 1985ع، 672 صفحا، جنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ جو مقدمو ۽ اي. ڪي. بروهيءَ جو پيش لفظ شامل هو. ڪتاب جو مکيہ موضوع هو ”سامراجي تسلط جي آڇپي کان پوءِ مسلم دنيا جي آزاديءَ واري دؤر“. پروفيسر نذير احمد مطابق هن ڪتاب جي جوڙڻ ۾ ڊاڪٽر بلوچ جو تمام گهڻو ڄاڻ پريو تصور، انتظامي ڪارڪردگي ۽ سندس مزاج جي سنجيدگي واضح آهن.

2. لوئي لاميہ الفاروقيءَ 1985ع واري پنهنجي ڪتاب ”اسلام ۽ فن“ ۾ اسلامي فن جي جمالياتي اصولن کي واضح ڪيو آهي. هن تاريخي پس منظر ۾ مختلف فنون ۾ مسلمانن جي فني احساسن جو جائزو ورتو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ خطاطي ۽ فن تعمير، عربن وارو سينگار، ڪپڙي سازي، قالين سازي، ظرف سازي، ڌاتو گيري ۽ موسيقيءَ جو جائزو ورتل آهي.

3. ڊاڪٽر بلوچ جو ايڊٽ ڪيل ڪتاب ”روشن مسلمان شخصيتون: ذڪرِ ايشيا ۾ مذهبي، فڪري ۽ سياسي احياءَ جا سرواڻ“ 1985ع. 402 صفحا. ٽن جلدن ۾ شايع ٿيڻ واري ڪتاب جي منصوبي جو پهريون جلد هو جيڪو نيشنل هجره ڪائونسل شايع ڪرايو. ڪيترن ئي سڄاڻ عالمن کي انهن درخشان مسلمان شخصيتن تي مقالا لکڻ لاءِ چيو ويو.

- شيخ احمد سرهنديءَ تي ڊاڪٽر برهان احمد فاروقي
- شاهہ ولي الله تي جي اين جلباڻي
- مولانا محمد عليءَ تي ڊاڪٽر افضل اقبال ،
- سيد احمد خان تي ايم. واءِ. عباسي
- علامہ اقبال تي جسٽس ڊاڪٽر جاويد اقبال
- مولانا عبيد الله سنڌيءَ تي ڊاڪٽر محمد معيزالدين
- محمد علي جناح تي شريف المجاهد
- عنايت علي خان مشرقي تي سيد شبير احمد
- آءِ. آءِ. قاضيءَ تي اي. ڪي. بروهي
- مولانا مودوديءَ تي قاضي حسن معيزالدين

اسلامي تهذيب جا هڪ سؤ عظيم ڪتاب:

ڊاڪٽر بلوچ جي علمي سفر جو سڀ کان عظيم الشان منصوبو جيڪو هُن جوڙيو ۽ شروع ڪيو، سو هو ’اسلامي تهذيب جي هڪ سؤ عظيم ڪتابن‘ جو انگريزي ترجمو. ان منصوبي ۾ مذهبي ڄاڻ جا اهي نمائنده ڪتاب شامل هئا، جيڪي صدين کان اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جي سڃاڻپ رهيا آهن. پروفيسر نذير احمد مطابق، ڊاڪٽر بلوچ ان سموري منصوبي کي وڏيءَ محنت ۽ اورچائيءَ سان ڪنيو. هُن پوري ڌيان سان انهيءَ سموري منصوبي جو خاڪو جوڙيو ۽ ان ۾ اهي ڪتاب شامل ڪيائين، جيڪي اسلامي ثقافت جا آئينہ دار هئا. هُن مسلم دنيا جي عالمن سان مشورو ڪيو. انهن ڪتابن جي تاريخي اهميت ۽ جديد سائنس جي تاريخي ارتقا جي حوالي سان لاڳاپي کي بيان ڪندي، ڊاڪٽر بلوچ لکيو تہ:

> ”جيڪڏهن پنهنجي دؤر جي بين ڪتابن سان انهن جي ڀيٽ ڪجي، تہ انهن عظيم ڪتابن جي اصليت ۽ اهميت ان وقت جي حساب سان بلڪل عيان آهي. جيڪا ڳالهہ 20 صدي ۾ عام ٿي پائنجي، سا انهن عظيم ڪتابن جي لکڻ وقت بلڪل پنهنجي جوهر ۾ نئين هئي ۽ ان وقت جي علم ۽ ڄاڻ ۾ وڏو واڌارو هئي.“

انهن اصلوڪن ڪتابن جي اهميت کي بيان ڪندي ڊاڪٽر بلوچ لکيو تہ:

> ”بنان ماضي کي ساريندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اسلامي سوچ، ثقافت ۽ تهذيب جي نمائندگي ڪندڙ اهي عظيم ڪتاب اوائلي محققن، عالمن ۽ سائنسدانن جي حاصلات کي ظاهر ڪن ٿا. سندن ڪيل ڪم اڄ بہ نوجوان ۽ اعليٰ دانش جي حامل جاڪوڙي ذهن لاءِ فڪر جو سامان رکن ٿا.“

ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ منصوبي تي وڏي جوش سان عمل درآمد ڪرڻ شروع ڪيو. هُن هيٺين پرڏيهي عالمن سان انهيءَ منصوبي جي عمل درآمد لاءِ رابطو ڪيو.

- ڊاڪٽر حميدالله ۽ ڊاڪٽر خليل جوڇي (فرانس)
- ڊاڪٽر احسان سمي حقي (شام)
- ڊاڪٽر گلال شڪوي (قطر) (جلال)
- ڊاڪٽر خالد عبدالڪريم جمعا (ڪويت)
- ڊاڪٽر سراج الحق (بنگلاديش)
- ڊاڪٽر دائود نوبي (نائجيريا)
- سيد صباح الدين عبدالرحمان (انڊيا)
- پروفيسر حتين ڪرمان، يوويز بلين، پروفيسر سوئيم تڪيلي، ڊاڪٽر سيلي عدين ۽ ٻيا (ترڪي)
- پروفيسر محمد طالبي (تيونس)
- انور ابراهيم ۽ پروفيسر عبدالمجيد مڪين (ملائشيا)
- معروف الدعالبي (سعودي عرب)
- ايڇ. اي مڪتي علي (انڊونيشيا)
- پروفيسر عبدالصبور شاهين (مصر)
- پروفيسر اسماعيل فاروقي ۽ پروفيسر مسز اسماعيل فاروقي (آمريڪا)
- ڊاڪٽر ڊونالڊ هل (برطانيا) ۽ ٻيا ڪيترائي

ڊاڪٽر بلوچ، انهن ڪتابن مان هيٺيان پنج ڇپائي سگهيو. پنج يا ڇهه اشاعت جي مرحلن ۾ هئا. ڊزن کن ڪتابن تي ڪم هليو پئي.

1. الخوارزميءَ جو "الجبرا والمقابله"، اصلي عربي متن ۽ روزين جي ترجمي سان.
2. بنو موسيٰ جو "ڪتاب الحيل"، ڊاڪٽر ڊونالڊ هل جي ترجمي ۽ تعارف سان
3. الجزاري جو "ڪتاب الجامع بين العلم النافع في صناعة الحيل"، احمد واءِ الحسن جي ترجمي ۽ ڊاڪٽر ڊونالڊ هل جي تعارف سان. ان ڪتاب ۾ سنڌي نار جو ذڪر به آهي. 1989ع ۾.
4. البيرونيءَ جو ڪتاب "الجماهر في معارفة الجواهر"، حڪيم محمد سعيد جي ترجمي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي تعارف سان. ان ڪتاب ۾ البيرونيءَ پهريون ڀيرو ڪشش ثقل جو خاص تجربن جي ذريعي ذڪر ڪيو هو. 1988ع ۾.
5. ڊاڪٽر حميدالله خان جو نبي سڳوري ﷺ جي رياست جو قيام، 1989ع ۾.

ڪجهه ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ جي دؤر ۾ اشاعت جي مرحلن ۾ هئا، پر اُهي سندس وڃڻ کان پوءِ پڌرا ٿيا.

1. شمس الدين العطاقي جو تشريح الابدان، 1991ع
2. ابو عبيد جو ڪتابِ الاموال، 1991ع (الاموال)
3. ابن جامه جو سڪڻ جا طريقا، 1991ع (جمعه)
4. احمد قواضني ءَ ڪتاب السرد والفرد جيڪو ڊاڪٽر حميدالله خان تيار ڪيو پر ان ۾ ڊاڪٽر بلوچ جو لکيل مقدمو خارج ڪيو ويو. (قزويني)
5. العجدابيءَ جو ماحولياتي حالتن تي ڪتاب، 1989ع

6. ابن باجه جو ڪتاب النفس ڪتاب جي پهرين مترجم ڊاڪٽر معصوميءَ جو مسودو ڊاڪٽر بلوچ نظرثانيءَ لاءِ موڪليو ويو. پر، ڊاڪٽر معصوميءَ ان ڪتاب ڪي ٻئي هنڌ ڇپرائڻ جي نيت سان مسودو ۾ ڊاڪٽر بلوچ جا محنت سان تيار ڪيل نوٽس واپس نہ ڪيا.

انهن تيار ٿيل ڪمن ڪان سواءِ ڏڙن ڪن ٻين ڪتابن تي بہ تحقيق جو ڪم هلي رهيو هو. جڏهن سيئي ڪم ڪار بنا ڪنهن رڪاوٽ جي چڱيءَ طرح هلي رهيا هئا، تہ ڊاڪٽر بلوچ پروفيسر مريئل سان اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن واري منصوبي تي هنن خيالن جو اظهار ڪيو:

"آئون اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن واري منصوبي تي تمام محنت سان ڪم ڪري رهيو آهيان. مون ان ڪي شروعات ڪان سنڀاليو آهي ۽ هاڻ اهو سمورو منصوبو پڇي راس تي، نتيجا ڏيڻ واري هنڌ پهچي چڪو آهي. ست ڪن ڪتاب پريس ۾ آهن. مون ڪي اميد آهي تہ جون تائين تي ڪن ٻيا ڪتاب بہ تيار ٿي ويندا. انشاءالله !" (اهي لفظ اهم آهن. جي توهان لکيا آهن ۽ آئون انهن ڪي واسطن خاطر ورجايان ٿو.)

پاڪستان جي هاءِ ڪميشن ۽ سفارت خانن مان مدد:

ثقافت ۽ تعليم جي وزارت، اسلامي تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب جي انسٽيٽيوٽ ۽ نيشنل هجره ڪائونسل ۾ ايامڪاريءَ دوران، ڊاڪٽر بلوچ جا پاڪستان جي ڪيترن ئي هاءِ ڪمشنرن ۽ سفارت ڪارن سان واسطا وڌيا، جن مختلف ملڪن جي عالمن سان ملڻ ۾ سندس مدد ڪئي. اهي سيئي رابطا اسلامي يونيورسٽي، اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن ۽ يونيسڪو جي سلسلي ۾ هئا. ۽ انهيءَ جو مقصد صرف ڪتابن، تعليم، علم ۽ علميت جو واڌارو هو.

- ترڪيءَ ۾ مقرر ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل ڪيس ڪتب خانن جو دورو ڪرڻ، عالمن سان ملڻ ۽ ترڪ - اردو ڊڪشنريءَ ۾ مدد ڪئي.
- واشنگٽن ۾ اتاشي ممتاز اڪبر ڪيس مغرب جي ماڻهن لاءِ اسلام جي حوالي سان ڪم ۾ همت افزائي ڪئي.
- تيونس ۾ مقرر ڪوريجي صاحب اومبارڊن جي يونيورسٽيءَ سان تعاون ۾ مدد ڪئي. پر، اسلام آباد ۾ آفيسرن جي رويي ڪي ڏسي، ڪيس مايوس ٿي ۽ اهو تعاون ختم ٿيو.
- تيونس ۾ ڪوريجي صاحب جي جانشين اشرف قريشيءَ ڪيس ڪتب خانن جو دورو ڪرڻ ۽ تيونسي عالمن سان ملڻ ۾ مدد ڪئي.
- سعودي عرب ۾ مقرر تعليمي ڪائونسلر پروفيسر عبدالقيوم ڪيس عالمن سان ملڻ ۾ مدد ڪئي.
- لنڊن ۾ جناب قطب الدين عزيز ڪيس اسلامي فن تي مقالو موڪلڻ تي ساراهيو ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي ڪتابن تي پنهنجي راءِ ڏني.
- شام ۾ مقرر جناب اياز احمد ڪيس شامي عالمن سان ملڻ، پاڪستاني عالمن لاءِ اليپو جي عرب سائنسي ورثي ۾ جاءِ هٿ ڪرڻ ۽ قائد اعظم ۽ علامہ اقبال تي سيمينار ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي.
- پهرين دمشق ۽ پوءِ سنگاپور ۾ مقرر توحيد احمد ڪيس "اڄ جي مسلم دنيا" جي عربي ايڊيشن، ڊاڪٽر خالد مغوت سان دورن ۽ ڊاڪٽر احسان حقيءَ جي قائد اعظم بابت ڪتاب ۾ مدد ڪئي. سنگاپور ۾ انڊونيشي عالمن سان رابطي ۾ پڻ مدد ڪئي.

- ويانا ۾ مقرر جناب افتخار آرائين ۽ سنڌس مددگار عبدالعزيز فاروقيءَ سنڌس يونيسڪو پاران موئن جي دڙي تي ليڪچر ۽ نمائش ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي.
- ڪوالالمپور ۾ مقرر جناب عظمت حسين اسلامي يونيورسٽي ۽ اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن واري منصوبي جي باري ۾ ملائيشيا جي جوش خروش جي باري ۾ صلاحون ڏنيون.
- روم اٽلي ۾ مقرر سيڪريٽري جناب لاڙڪ اتي دوري دوران مدد ڪئي.
- مراڪش ۾ مقرر ڪلچرل اتاشي ڊاڪٽر الخطابيءَ سان ملي، ناياب نسخن جي باري ۾ معلومات ونئي ڏني.
- واشنگٽن ۾ پاڪستان جي سفير جناب اعجاز عظيم، عالمن جي جوڙي پروفيسر اسماعيل الفاروقي ۽ لوئي لاميہ الفاروقي جي قتل جي باري ۾ مفصل معلومات ونئي ڏني.

ڊاڪٽر بلوچ عالمن سان رابطي جي سلسلي ۾ جرمني، ايران، برطانيہ ۽ آمريڪا جي سفارتخانن سان بہ رابطي ۾ رهيو.

اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن کي خدا حافظ:

وقت گذرڻ سان اِي ڪي. بروهيءَ کي 'نئشنل هجره ڪائونسل' جو نئون چيئرمين مقرر ڪيو ويو. پر 1989ع سان سياسي منظرنامو تبديل ٿي ويو ۽ نئشنل هجره ڪائونسل جو وجود برقرار رهڻ مشڪل ٿي ويو. دنيا جي مشهور مسلمان عالمن - پروفيسر اسماعيل الفاروقي، ڊاڪٽر حميدالله ۽ پروفيسر حسن نصر ان جي باري ۾ پنهنجي ڳڻتين جو اظهار ڪيو ۽ اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن جي منصوبي جي باري ۾ پنهنجي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. جڏهن پروفيسر مريئل، ڊاڪٽر بلوچ کان پڇيو تہ اسلام آباد ۾ حڪومت جي تبديلي سنڌس ڪردار تي ڪيئن اثرانداز ٿيندي تہ ڊاڪٽر بلوچ جوب ڏنو تہ:

> "توهان واحد شخص آهيو جنهن انهيءَ باري ۾ مون کان پڇيو آهي تہ تبديل ٿيل صورتحال ۾ مون تي ۽ منهنجي ڪم تي ڪهڙو اثر پوندو. ها! شيون تبديل ٿينديون آهن. پر ايتريون تہ مبهم آهن، جو يا تہ ان تي فلسفي ۾ ڳالهائجي يا ان تي شاعري ڪجي."

ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ ڳالهہ کي جاري رکندي چيو تہ حڪومت طرفان ڪائنس پڇا ڪئي ويئي آهي تہ 'نيشنل هجره ڪائونسل' چو نہ ختم ڪجي؟ هُن 'نيشنل هجره ڪائونسل' جو انتهائي مضبوط دفاع ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ جي لکيل رپورٽ ۾، هُن پنهنجي موقف جا دليل 14 صفحن ۾ انتهائي شاندار طريقي سان پيش ڪيا. ڊاڪٽر بلوچ پاڻ بہ 13 سالن جي پنهنجي اسلام آباد ۾ قيام کان پوءِ جون 1989ع ۾ واپس حيدرآباد وڃڻ پئي چاهيو. اتان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر بلوچ پاڻ پنهنجا ڪاغذ پٽ سنڀالي، انهن جي چڱي آرڪائيويز جوڙڻ پئي چاهيو ۽ اهي سڀ ننڍڙا ڪم ڪرڻ پئي چاهيا، جيڪي هُن واندڪائيءَ ۾ ڪرڻ جو سوچيا هئا. پر، نئين حڪومت جو اهو 'ڪريڊٽ'، تہ ڊاڪٽر بلوچ کي جون 1989ع ۾ گهر پيڙو ڪيو ويو. جلد ئي نيشنل هجره ڪائونسل بہ ختم ڪئي وئي ۽ ان سان گڏ اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن کي سهيڙڻ ۽ محفوظ ڪرڻ جو خواب بہ ٽٽي ويو.

ڊاڪٽر بلوچ جي وڃڻ کان پوءِ نئين انتظاميہ جي ماڻهن جي اها علمي ساک هئي، جو انهن ڊاڪٽر بلوچ جي مڪمل ڪيل ڪجهہ ڪتابن تي سنڌس لکيل مقدمن تي پنهنجو نالو هڻي، انهن کي شايع ڪرايائون. باقي ڪتابن واري منصوبي کي ختم ڪيو ويو.

حيدرآباد ڏانهن واپسي:

جون 1989ع ۾ حيدراباد ڏانهن واپسيءَ کي به ڊاڪٽر بلوچ هڪ لحاظ کان برڪت مثل سمجهندو هو. حيدرآباد ڏانهن واپسيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ وقت ڪان پنهنجي دل گهريي ڪم تي لڳي ويو يعني شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مستند رسالي جي تاليف. 49 قلمي نسخن ۽ 14 ڇپيل نسخن کي کڻي، ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ جبل جهڙي ڪم کي لڳو ته جيئن انهن نسخن کي پيٽي ڪا مستند ۽ معياري پڙهڻي ۽ نسخو تيار ڪري سگهجي. ڪيس ان جو خيال 80 واري ڏهاڪي ۾ آيو. بهرحال، ان تي ڪم 1989ع ۾ شروع ٿيو ۽ ڏهن سالن کان پوءِ نئين هزاري سال کان اڳ 1999ع ۾ اهو مڪمل ٿيو. ڪن خانگي پبلشرن سان ان جي ڇپائيءَ جي حوالي سان ڳالهيون به ٿيون. جڏهن پاڻ رسالي تي ڪم ڪري رهيا هئا، ته اڪثر چوندا هئا ته ڪين ڪا تڪڙ ڪونهي. پر، پنهنجو گهڻو تڻو فارغ وقت ان تي ڪم ڪرڻ ۾ لڳائيندا هئا. رسالي تي ڪم ڪرڻ جي دوران ڪين ائين لڳندو هو ته "زندگيءَ جو راز انهيءَ ۾ آهي ته دل گهرئي ڪم ۾ مصروف رهجي."

علامه آءِ. آءِ. قاضي پروفيشنل چيئر، سنڌ يونيورسٽي:

انهيءَ وچ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ علامه آءِ. آءِ. قاضي پروفيشنل چيئر قائم ڪئي ۽ ڊاڪٽر بلوچ کي ان جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر بلوچ، علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جو ڪيتريون ئي تقريرون گڏ ڪيون ۽ انهن کي شايع ڪرايو. ان سان گڏ، ڊاڪٽر بلوچ 'سنڌ يونيورسٽيءَ جي باني جو هفتو' تحت. ڪيتريون ئي تقريبون منعقد ڪرايون. ڊاڪٽر بلوچ ٽي مونوگراف لکيا ۽ شايع ڪرايا. (1) تعليمدان ڳالهائي ٿو. (2) ارتقا جي باري ۾ ويچار، (3) علامه آءِ. آءِ. قاضي جون اڻ ڇپيل تحريرون.

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو:

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي 'سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري' جي قيام ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي 27 مهينن جي تعلق دوران ان جي ڪارڪردگي جي باري ۾ قصو بيان ڪيو آهي. سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ، سنڌ ترميمي ايڪٽ 1990ع (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال) جي صورت ۾ منظور ڪيو. مارچ 1991ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ کي ان جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. جون 1991ع ۾ ان جي گورننگ باڊيءَ جي مقرريءَ سان اٿارٽيءَ پنهنجو ڪم شروع ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ انهن ٽن مقصدن جي روشنيءَ ۾ ڪيتريون ئي اسڪيمون جوڙيون.

ڊاڪٽر بلوچ، 'سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري' جي قيام جي ڪم کي صفا شروعات ڪان ڪنيو. ڊڪشنري آفيس ۽ پوءِ سنڌ ميوزيم ۾ هڪڙي عارضي آفيس قائم ڪئي وئي. زمين جو ٽڪرو هٿ ڪيو ويو ۽ ان تي عمارت جوڙڻ لاءِ فنڊ هٿ ڪيا ويا. ان جي پيڙهه جو پٿر تنهن وقت جي وزير اعليٰ فيبروري 1994ع ۾ رکيو.

'سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري' جي پهرين مقصد يعني سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جي باري ۾ اهو سوچ رکي وئي ته سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جا بنيادي ادارا پرائمري اسڪول آهن. ان مقصد لاءِ خيرپور، سکر، حيدرآباد، بدين، مٺي، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ۾ ڊسمبر 1991ع کان جون 1993ع تائين سيمينار منعقد ڪرايا ويا، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استادن کي ٻوليءَ جي عملي سکيا ڏني وئي. انهن سيمينارن ۾

ماهرن 175 ليڪچر ڏنا ۽ پهرين مرحلي ۾ 653 استادن کي سکيا ڏني وئي. ٻئي مرحلي ۾ استادن جي سکيا جا ٻه انتظام ڪيا ويا.

’سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري‘ جي ٻئي مقصد، يعني: سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪيترائي عملي قدم کنيا ويا.

- سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن ۾ معيار جو احساس پيدا ڪرڻ لاءِ معياري ڪتابن تي هڪ لک روپين جو ايوارڊ ڏنو ويو.
- ”سنڌي ٻولي“ جي نالي سان هڪ تماهي جرنل شروع ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ترقيءَ ۽ استعمال جا ماهرا بحث هيٺ آندا ويا. ڊاڪٽر بلوچ جي دؤر ۾ ان جا اٺ شمارا ڪڍيا ويا.
- سنڌ ٻوليءَ جي نامور ليکڪن کي مختلف موضوعن تي تحقيق ۽ ڪتاب لکڻ جو ذميواريون ڏنيون ويون.

ڊسمبر 1991ع کان جون 1994ع تائين 27 مهينن جي عرصي ۾ 25 ڪتاب ڇپرايا ويا. ان کان سواءِ نو ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ هئا ۽ چار ٻيا تياريءَ ۾ هئا. روينيو ۽ عدالتي سرشتي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ انڊين ڪانٽريڪٽ ايڪٽ 1873ع ۽ سنڌ لئنڊ روينيو ايڪٽ 1967ع شايع ڪيا ويا. سنڌي صورتخطي ۽ صوتيات تي ڊاڪٽر بلوچ جو لکيل اهم ڪتاب شايع ڪيو ويو. لغتون، اڳيان علمي خزانا، گذريل پنج سوءَ سالن ۾ لکيل سنڌي سيکارڻ جا بنيادي ڪتاب شايع ڪرايا ويا. انهن ۾ حاصل النهج، ابوالحسن جي سنڌي، ضياءُ الدين جي سنڌي، ماٿيلي ۽ اوباڙي - سبي - ماڃر، ڪڪرالوءِ ڪارو - شڪار پور ۽ ٿر جي لهجن جو اڀياس شايع ڪرايو ويو. براهوي ۽ سنڌيءَ جو تقابلي جائزو قرآن پاڪ سيکارڻ جا بنيادي ڪتاب، ٻارن لاءِ ڪيترائي بنيادي سائنسي ڪتاب پڻ شايع ڪرايا ويا.

سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جي باري ۾ ڪمُ ٽن اهم محاذن تي هو. (الف) برطانوي دؤر ۾ سرڪاري لکپڙهه ۾ استعمال ٿيندڙ ڪتاب شايع ڪرايا ويا. عوامي لهه وچڙ جي ادارن، جهڙوڪ: روينيو ۽ عدالتي سرشتي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ نوان ڪتاب شايع ڪرايا ويا. روينيو بورڊ جي سينيئر ميمبر کي انهيءَ ڏس ۾ تعاون لاءِ چيو ويو. (ب) سنڌي ٻوليءَ ۾ نصابي ڪتابن کي غلطين کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ کي تعاون لاءِ چيو ويو. (ج) ڊاڪٽر بلوچ پاران سنڌيءَ کان سنڌيءَ جي ”هڪ جلدي لغت“ تيار ڪئي وئي، جيڪا پوءِ اٿارٽيءَ شايع ڪرائي. ٻين لغتي ڪمن ۾، ڊاڪٽر بلوچ ٻي ڳوليل مسودي ۽ ايبٽ ڪيل سنڌي - فارسي لغت پڻ شايع ڪرائي وئي.

’سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري‘ جي پيڙهه جي پٿر رکڻ کان مهينو پوءِ، ڊاڪٽر بلوچ 6 مارچ 1994ع تي اٿارٽيءَ جي چارج ڇڏي. ان دؤر ۾ ’سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري‘ کي مضبوط بنيادن تي قائم ڪيو ويو. ’سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري‘ جي قائم ٿيڻ تي راءِ رکڻ وارا انهيءَ خيال جا آهن. ته پاڪستان ۾ ڪو ٻه ادارو ايتري ٿوري وقت ۾ ايتري مض .وط بنيادن تي قائم نه ڪيو ويو هو سواءِ اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جي.

سنڌ حڪومت جو نگران وزير تعليم:

ڊاڪٽر بلوچ ’سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري‘ جي چيئرمين جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو هو ته سنڌ جي اُن وقت جي نگران گورنر، حڪيم محمد سعيد پاران ڪين سنڌ حڪومت جي نگران وزيرِ

تعليم طور شامل ٿيڻ لاءِ آڇ ڪئي. اها ڳالهه به مڃي وئي, ته انهيءَ دوران ڊاڪٽر بلوچ 'سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري' جي چيئرمين جي حيثيت سان ڪم به جاري رکندو. سيد ضياءُ الدين شاهه, ڊاڪٽر بلوچ جي 72 ڏينهن جي نگران, وزيرِ تعليم طور ڪيل هيٺين حاصلات ڳڻائيون آهن.

- پرائمري استادن جي ڪوٽ ختم ڪندي 8500 نوان استاد باقاعدي انٽرويوءَ جي ذريعي ڀرتي ڪيا ويا.
- سيني ڪامياب اميدوارن کي پاليسيءَ تحت گهر ويٺي آرڊر مليا ۽ ان ۾ سرڪاري مداخلت ۽ اقربا پروريءَ کي ختم ڪيو ويو.
- تعليم جي کاتي ۾ سالن کان ترقيءَ کان محروم 900 سيڪينڊري استادن جو ترقيون ڪيون ويون.
- بحيثيت وزير جي, ڊاڪٽر بلوچ جي آفيس جا دروازا سڀني لاءِ کليل هئا. پاڻ پنهنجي آفيس ۾ وقت جي پابنديءَ سان باقاعدي ويهندو هو ته جيئن ملازمن جا مسئلا حل ڪري سگهجن.
- نوڪرين ۾ رشوت ختم ڪرڻ لاءِ, سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي طرز تي رٽائرڊ ڊائريڪٽرن ۽ ٻين کاتي جي عملدارن تي ٻڌل سليڪشن بورڊ قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي, ته جيئن 1 کان 16 گريڊ جي ڀرتيون ڪري سگهجن. بورڊ جي ميمبرن کي فارم فين مان حاصل ٿيل رقم مان اعزازيو ڏنو وڃي. بورڊ جي هيڊ آفيس حيدرآباد ۽ شاخون سکر, لاڙڪاڻي, ميرپور خاص ۽ ڪراچي ۾ به کوليون وڃن, ته جيئن اميدوار پنهنجي ويجهي سينٽر تي انٽرويو ڏئي سگهن. پر, وقت جي کوٽ جي ڪري انهيءَ تجويز تي عمل نه ٿي سگهيو.
- ٻهراڙين ۾ نياڻين جي تعليم عام ڪرڻ لاءِ عملي تجويزون تيار ڪيون ويون. ڳوٺ ۾ اعليٰ تعليم يافته استاديائيون نه هئڻ جي صورت ۾ عمر ۽ تعليمي قابليت ۾ ڇوٽ ڏني وئي, ته جيئن ڳوٺ ۾ وڏي عمر جون استاديائيون به مقرر ڪري سگهجن.
- پي. ٽي. سي ۽ بي. ايڊ جي تعليم کي ريگيولرائيز ڪيو ويو ته جيئن فقط اهي ادارا شاگردن کي داخلا ڏئي سگهن جن وٽ قابل استاد موجود هئا.
- ڪراچيءَ جي ڪاليجن واري مسئلن جي مونجهارن کي حل ڪرڻ لاءِ به پاڻ صلاحون ڏنائون.
- گورنر جي مڪمل سپورٽ ۽ سيڪي گهرجون پوريون ڪرڻ کان پوءِ, ڪراچيءَ ۾ اعليٰ تعليم جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هنن يونيورسٽين جو قيام عمل ۾ آندو ويو: (1) سر سيد يونيورسٽي آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي, (2) سنڌ مدرسه قائد اعظم يونيورسٽي, (3) بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي, (4) عورتن جي يونيورسٽي.

ميرٽ تي اميدوارن کي مقرر ڪرڻ ۽ کين گهر ويٺي آرڊر ڏيڻ واري عمل جي باري ۾ اڳوڻو ڪمشنر ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو پروفيسر گل محمد عمراڻي هنن لفظن ۾ شاهدي ڏئي ٿو ته: "اها ڳالهه بنان ڪنهن ترديد جي چئي سگهجي ٿي ته اهو تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٿيو ته استادن جون ڀرتيون ميرٽ تي ٿيون, جنهن ۾ ڪنهن به سياسي يا مالي مامرن جو ڪو به عمل دخل نه هو. اهو يقيناً تعليم کاتي جو سونهري دؤر هو جڏهن ڊاڪٽر بلوچ جهڙي ناميارو دانشور جي نگران وزيرِ تعليم طور مقرري ٿي."

جڏهن ڊاڪٽر بلوچ حيدرآباد ۾ هو ته هُن ڪيترائي اهم ڪتاب به لکيا. انهن مان ڪن جو ته ذڪر پهرين ٿي چڪو آهي, پر تاريخ, تعليم ۽ ثقافت سان لاڳاپيل هنن ڪتابن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

1. سنڌ: تاريخي مطالعو- پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ 2002ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ 450 صفحا آهن ۽ سنڌ جي تاريخ سان لاڳاپيل ويهن موضوعن تي مقالا شامل آهن.

2. سنڌ: ثقافتي مطالعو

3. اسلامي قدرن تي ٻڌل تعليم: امر ۽ استعمال- پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي پاران 2000ع ۾ ڇپايو ويو.

انهيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته پنهنجي گوناگون شخصيت جي باوجود، ڊاڪٽر بلوچ بنياد طور هڪ عالم ۽ استاد رهيو آهي. پنهنجي ڪيريئر جي اختتام تي ڪين انهيءَ ڳالهه جي اون پئي رهي، ته هُو تعليم جي مسئلن تي ڌيان ڏئي. هُن 1949ع ۾ پنهنجي ڪولمبيا يونيورسٽيءَ واريءَ ٿيسز ”تعليم ۾ استادن جي تعليم جو قومي نظام“ ۾ انهيءَ ڪم جي مقصد کي بيان ڪندي لکيو هو:

> ”پاڪستان ۾ تعليمي سڌاري کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. تمام وڏن سڌارن تي غور ڪيو ويندو آهي، پر انهن تي عمل نہ ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ناڪامي کي وري دليلن سان صحيح ثابت ڪيو ويندو آهي. پر اجان تائين انتظامي ناڪاميءَ سبب پيدا ٿيندڙ نظام ۾ بي ترتيبي ۽ ڊسپلين جي کوٽ کي روڪڻ جا ڪي بہ اُپاءَ نہ ورتا ويا آهن. اڪثر اهو الزام هنيو ويندو آهي تہ نظام جي خرابيءَ جو سبب ان جو بيٺڪي راڄ جو تسلسل هئڻ آهي. پر ڪي خاص تبديليون نہ پيون بيان ڪيون وڃن، تہ جيئن تعليمي نظام جي ڪردار کي قومي بنايو وڃي. اڪثر چيو پيو وڃي تہ انهيءَ جو علاج اسلامي نظام کي آڻڻ آهي. پر تعليم جي اسلامي نظام جي خد و خالن کي سمجهڻ يا مطالعي ڪرڻ جي ضرورت نہ تي محسوس ڪئي وڃي. هيءَ ٿيسز جيتوڻيڪ مڪمل نہ آهي، پر ان ۾ ارادو اهو ڪيو ويو آهي تہ انهن ماڻهن کي سجاڳي ڏني وڃي، جيڪي رڳو سياسي طور تي تعليم جي اسلامي ڪرڻ جون ڳالهيون ٿا ڪن ۽ انهن کي پڻ جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ تعليم ۾ اسلامي قدر آڻڻ چاهين ٿا.“

4. ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي ڳوٺ جي باري ۾ بہ هڪ انتهائي سهڻو ڪتاب ”منهنجو ڳوٺ: جعفر خان لغاري“ لکي، ڳوٺائي زندگيءَ جي ثقافتي پس منظر کي محفوظ ڪيو.

5. ڊاڪٽر بلوچ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سنڌ جي ثقافتي ماحول جي باري ۾ نوٽس وٺندو رهيو آهي. انهن نوٽس کي ترتيب ڏئي، سنڌ جي ثقافتي ۽ سماج جي مختلف پاسن جي باري ۾ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ جي عنوان سان ڏاهپ جا موتي آڻيندو رهيو آهي. ان طريقي سان، هُو پنهنجي پڙهندڙن سان سڌو ۽ انتهائي پيار پري انداز سان مخاطب ٿيندو رهيو آهي. انهيءَ جا ست جلد ڇپجي چڪا آهن.

خط و ڪتابت:

ڊاڪٽر بلوچ ۽ سندس ڪيترن ئي دوستن ۽ ساٿين جي وچ ۾ خط و ڪتابت ست سالن جي عرصي تي محيط آهي. اها 1946ع ۾ ڪولمبيا يونيورسٽي کان شروع ٿي ۽ 2006ع ۾ رٽائرمينٽ کان پوءِ سندس تحقيق ۽ عالمانہ ڪم جي آخرين دؤر تائين جاري رهي. اها خط و ڪتابت جڏهن جاري هئي، تہ ڊاڪٽر بلوچ تمام سنجيده ڪمن ۾ مصروف پئي رهيو. جيئن پنهنجي دوست کي لکيو هئائين تہ سندس

زندگيءَ جو اهم مقصد پنهنجي دل گهربي ڪم ۾ مصروف رهڻ آهي. پڙهڻ، لکڻ، ڇپائڻ ۽ ڇاڻ جي باري ۾ ڳالهائڻ اهي ڪم هئا، جن کي ڪرڻ سندس دل وٽان هو. هيءَ خط و ڪتابت پڙهندڙن لاءِ هڪ دري کولي ٿي، ته اهي هن ليکڪ جي گذريل سٺ سالن ۾ ڪيل ڪم جي مختلف رخن جو مشاهدو ڪري سگهن.

اها خط و ڪتابت سندرام ۽ امداد حسين سان شروع ٿئي ٿي، جيڪي انڊيا ۽ پوءِ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ تڏهن ڪم ڪندا هئا، جڏهن ڊاڪٽر بلوچ ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو. اها خط و ڪتابت ڊاڪٽر بلوچ جي تعليمي ۽ سماجي سرگرمين ۾ سندس گهري شموليت ۽ سندس مختلف ماحول ۾ رچي وڃڻ ۽ مختلف ماڻهن سان انساني بنيادن تي تعلق رکڻ وارين سندس خصلتن کي ظاهر ڪري ٿي. هتي خاص طور تي سندس "ڪينيڊين امڙ" مسز ميري برائون سان سندس لک پڙهه جو ذڪر ڪجي ٿو جنهن مان سندس روح جي اها سونهن ظاهر ٿي، جنهن ڪري هُو بين رنگن، نسلن، مذهبن ۽ ريتن رسمن جي ماڻهن سان اٿين جلدي تعلق قائم ڪري سگهندو هو. ڊاڪٽر بلوچ جي سندس خاندان سان ڪينيڊا ۾ رهڻ واري پياري تجربي کي بيان ڪندي مسز ميري برائون ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته سندس مهمان ڪيئن جلدي ڇڻ ته سندس خاندان جو حصو ٿي ويو. ڪين رڳو اهو افسوس هو ته اهي سندس لاءِ گهڻو ڪجهه نه ڪري سگهيا. سندس پٽ ان وقت پاڪستان ۾ ڪم ڪري رهيو هو. سندس خاندان سان آهستي، پر وڏندڙ چاهه جي باري ۾ ذڪر ڪندي، هوءَ لکي ٿي ته "پهرين ته اسان خوش هئاسين ته ان ملڪ مان ڪو ماڻهو آيو آهي، جيڪو ملڪ سندس پٽ سان ايترو مهربان طريقي سان هليو آهي. پر، پوءِ اسان کي توهان جو مزاج ڏاڍو سٺو لڳو. باربرا ۽ سٽين کي به اها اميد آهي ته اوهان وري اسان وٽ ايندا. مهرباني ڪري، ڪينيڊا کي پنهنجو گهر سمجهجو ۽ اهو محسوس ڪريو ته توهان جي لاءِ اسان وٽ سدائين جيءَ ۾ جايون هونديون."

1949ع ۾ پاڪستان اچڻ سان سندس ڪم جي دنيا انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۾ شموليت کان اڳ ئي ڦهلجي وئي هئي. 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ سان هُن پاڻ کي حقيقي طور تي ڪم جي دنيا ۾ محو ڪري ڇڏيو. هُن پاڻ کي مختلف ڪمن ۾ مصروف ڪري ڇڏيو جيڪي سندس عالمانه مزاج وٽان هئا. ڊاڪٽر بلوچ پاڻ کي مختلف علمن جي حصول ۾ مصروف رکيو جن ۾ موسيقي، آرڪيالاجي، تاريخ، لغت نويسي، تعليم، ادب، لسانيات ۽ ثقافت شامل آهن. ان لاءِ هُو پاڪستان، انڊيا، ايران، انڊونيشيا، ملائشيا، برطانيه، آمريڪا، ترڪي، جرمني ۽ روس جي قبضي هيٺ مسلمان علائقن جي عالمن سان لهه وچڙ ۾ رهيو. جيئن اسلام آباد ويو ته اتي هُن جي ڪيل لکپڙهه سندس ڪم جي افق جي وسعت کي ظاهر ڪري ٿي.

سندس اها لکپڙهه هڪ ليکڪ جي زندگيءَ جي انهيءَ عادت کي ظاهر ڪري ٿي، ته سندس مهربان دل ۾ سدائين اها خواهش رهي آهي ته علم جي خزاني کي ٻين سان ونڊجي. ڪتاب، مواد جا ذريعا، رفرنس، سندس لکيل ۽ ڇپايل ڪتاب پنهنجي ساٿين ۽ عالمن سان لکپڙهه جا موضوع رهيا آهن.

سندس انهيءَ لکپڙهه جو هڪ دهرائجندڙ موضوع سندس لکيل ۽ ڇپايل ڪتاب پنهنجي ساٿين ۽ عالمن کي اعزازي ڪاپيون ڏيڻ آهي. جيڪي ماڻهو پاڪستان ۾ رهن ٿا، اُهي انهيءَ اعزازي ڪاپين واري امر کان واقف آهن. ليکڪ تڪليفون ڪٽي ڪتاب لکندا آهن، پوءِ انهن کي ڪمپوز ڪرائيندا آهن ۽ انهن جا پروف ڏسندا آهن. پوءِ پنهنجي ئي وڏي خرچ تي ڇپائي، اهي دوستن ۽ ساٿين کي مفت ۾ اعزازي ڪاپيون موڪليندا آهن، ته جيئن اهي پڙهن. پر، اسان جي هن نه پڙهڻ واري سماج ۾ اها پڪ

آهي ته اهي دوست احباب اهي ڪتاب پڙهندا به ڪونه آهن. پر، اجان به وڌيڪ بدتر ڳالهه آهي، ته هُو ڪتاب جي لکندڙ ۽ موڪلڻ وارن ڪي مهرباني جو لفظ ۾ نه لکندا آهن. انهيءَ لاتعلقي واري رويي کي ڏسي، اڪثر ليکڪ پاڻ کان اهو سوال ڪندا آهن ته ڇو لکجي ۽ ڪنهن لاءِ لکجي!

اها لک پڙهه ڊاڪٽر بلوچ جي ان خواهش کي به ظاهر ڪري ٿي ته هُو سدائين عالمن جي صحبتن ۾ رهڻ چاهيندو هو. پنهنجي نوجوانيءَ جي رانديگر واري دؤر ۾ هُن ٽيم ورڪ ۾ ڪم ڪرڻ سکيو. اها پوءِ سندس سموري زندگيءَ جي عادت رهي. هُو سدائين شاندار منصوبن جا تصور جوڙيندو هو جنهن تي بهترين عالم ۽ سندس چوڌاري ماڻهو ڪم ڪندا هئا. سنڌ صدين کان ڪانفرنس (1975ع)، اسلامي نصاب، اڄ جي اسلامي دنيا (1980ع)، اسلامي يونيورسٽيءَ جو قيام (1979ع کان 1982ع تائين)، اسلامي تهذيب جا عظيم ڪتاب (1983ع کان 1989ع) جهڙا يادگار ڪم ان جا شاهد آهن، ته ڊاڪٽر بلوچ ڪيئن دل وجان سان ڪم ڪندو هو!

ڪم جو طريقي ڪار: ڪم ڪيئن ڪجي:

هيءَ خط و ڪتابت ڪم جو طريقي ڪار تي ڪافي روشني وجهي ٿي. ڪيئن دنيا جا بهترين عالم ۽ فنڪار ڳولجن، ته جيئن هٿ ۾ ڪنيل ڪم پورو ڪجي. انهن سان رابطو ڪجي، ڪين راضي ڪجي. جڏهن اهي شامل ٿين، ته ڪيئن ڪوشش ڪري هر مرحلي تي سندن وابستگي ۽ دلچسپي قائم رکجي. اهو عام طور تي ڪافي ڏکيو ڪم آهي. انتظامي عهدن تي ويٺل ماڻهو گهڻو ڪري رڳو اهو سوچيندا آهن ته پنهنجي متن مائٽن ۽ يارن دوستن کي ڪيئن عهدن تي رکجي. پوءِ پلي هنن وٽ اُن عهدي لاءِ صلاحيتون ۽ ڪم کي پوري ڪرڻ جي قابليتون هجن يا نه.

هيءَ لکپڙهه ان پيشيورانه قابليت کي ظاهر ڪري ٿي، ته ڪيئن ڪاميٽين ناهڻ ۾ بهترين عالمن ۽ تعليمدانن ۽ پنهنجي شعبن ۾ ماهر ماڻهن کي ڪم تي رکيو ويجي، ته جيئن اُهي ان سونپيل منصوبن کي مهارت سان پورو ڪري سگهن.

جڏهن ملڪ کي آزادي ملي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌ يونيورسٽي قائم ڪئي وئي، ته علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جي چونڊ تي علي ڳڙهه ۽ جهونا ڳڙهه جي بهترين پروفيسرن سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شموليت لاءِ رابطو ڪيو ويو.

اسلامي يونيورسٽيءَ جي قيام وقت به ڊاڪٽر بلوچ اهو يقيني بڻايو ته ان ۾ بهترين پروفيسر رکيا وڃن. ساڳيءَ طرح، اسلامي تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب جي انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان هُن برصغير جي بهترين تاريخدانن کي ڪم سونپيو. اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن واري منصوبي ۾ نه رڳو اسلامي ملڪن، پر سموريءَ دنيا جي بهترين عالمن کي انهيءَ ڪم ۾ شامل ڪيو ويو.

عملي طريقي ڪار:

عملي ترجيحات اڪثر اهي محرڪ هئا، جنهن ڪري ڊاڪٽر بلوچ مختلف قومي ادارن، جهڙوڪ: پي. آءِ. اي، پاڪستان ريلوي، ريڊيو پاڪستان، محتسبِ اعليٰ ۽ ٻين ادارن جي اهم ماڻهن کي لکندو هو. ايئر مارشل محمد عظيم دائود پوٽي کي خط لکندي ڊاڪٽر بلوچ سنڌ اندر هوائي روٽس جي باري ۾ لکيو. هُن پي. آءِ. اي جي انتظاميه کي سندن رسالي "همسفر" جي غلطين جي باري ۾ به لکيو.

پاڪستان ريلوي جي وزير اسلم خٽڪ کي خط لکندي لاهور کان پنڊيءَ واري روٽ تي مسافرن کي پيش ايندڙ تڪليفن جي نشاندهي ڪئي. ريڊيو پاڪستان جي مختلف منتظمين کي لکندي شاعريءَ جي اصلوڪين مذهبي صنفن جهڙوڪ: مدح، مولود ۽ لوڪ گيتن کي هٿي وٺائڻ ۽ فيض محمد ۽ بلاول بيلجيم جهڙن پلوڙ ڳائڻن کي نوڪريءَ تي رکڻ جون صلاحون ڏنيون. هُن لائق سگهڙن ۽ ڏاهن لاءِ وظيفا مقرر ڪرڻ لاءِ به لکيو. پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جي چيئرمين ڊاڪٽر شفيق الرحمان کي ضرورت مند سگهڙن ۽ مشهور اديب غلام محمد گراميءَ جي بيواهه لاءِ وظيفا مقرر ڪرڻ لاءِ به لکيو.

نئين مقرر ڪيل محتسب اعليٰ جسٽس سردار محمد اقبال کي خط لکي نہ رڳو ڪيس مبارڪ ڏني، پر ڪيس ان اخباري آرٽيڪل جي ڪاپي بہ موڪلي جنهن ۾ هُن اسلامي سماجن ۾ محتسب جي اداري جي ارتقا جي باري ۾ لکيو هو. اسلامي نظام ۾ محتسب جي اداري جي شروعات بيان ڪندي، ان آرٽيڪل ۾ محتسب جي اداري کي فعال بڻائڻ جي باري ۾ بہ بيان ٿيل هو. ان کان سواءِ ڊاڪٽر بلوچ قومي ۽ بين الاقوامي ادارن ۾ مختلف موضوعن، جهڙوڪ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، علامہ اقبال، پاڪستان جي ثقافت، سنڌ، بلوچستان، پاڪستان ۽ انڊونيشيا ۾ اسلام جي آمد، ابن بطوطا، خوارزم شاهہ، البيروني، موسيقي، پاڪستان جا ترڪي ۽ ايران سان لاڳاپن سميت انيڪ موضوعن تي ڳالهائڻ قبوليو.

اڪيڊمي آف ليٽرس جي چيئرمين فخر زمان لائيف لانگ فيلوشپ قبول ڪرڻ وقت ڊاڪٽر بلوچ هُن کي انهن سرڪاري اعزازن ۽ ايوارڊن کي وڌيڪ معنيٰ خيز ڪرڻ جون صلاحون ڏنيون، تہ جيئن انهن اعزاز يافتہ ماڻهن کي جيتريون ممڪن ٿي سگهي، تہ سرڪار پاران هيٺيان ڪجهہ فائدا ملي سگهن. هُن پڇيو:

- ڇا اهي اعليٰ ايوارڊ يافتہ شخصيتون پي. آءِ. اي ۾ وي. آءِ. پي ۾ سفر ڪرڻ جا اهل هوندا؟
- ڇا انهن کي انفرادي طور ملڪ جي وفاقي اسپتالن ۾ مفت صحت جو سهولتون ميسر هونديون؟
- ڇا سندس تصديق ڪيل ڪاغذن جي قانوني حيثيت هوندي؟
- ڇا انهن جا نالا وفاقي ۽ صوبائي حڪومت وٽ موڪليا ويندا، تہ جيئن انهن کي ملڪ ۾ عوامي تقريبن ۾ شرڪت جي دعوت ملي سگهي؟
- ڇا انهن کي ملڪ کان ٻاهر سيمينارن ۽ گڏجاڻين ۾ موڪليو ويندو تہ جيئن اُهي پنهنجي صلاحيتن آهر قومي وقار جي واڌاري لاءِ ڪم ڪري سگهن؟
- ڇا اهي بين کان (خاص طور تي پاڻ کان گهٽ درجي وارن کان) لازمي رسمي خير و عافيت واري توهين آميز طريقي کان بچيل هوندا؟

14 آگسٽ 2001ع تي آزادي واري ڏينهن صدر پاڪستان ڊاڪٽر بلوچ کي تمغہ امتياز(ادب) عطا ڪيو. ڊپٽي سيڪريٽري ڪيبنيٽ ڊويزن ايوارڊ، محمد اڪبر خان کين اها خبر ڏني. ڊاڪٽر بلوچ جي ادب لاءِ ڪيل خدمتن عيوض انهيءَ اعزاز ڏيڻ تي فخر جو اظهار ڪيو. پر، ڊاڪٽر بلوچ اها بہ ڳالهہ ڪئي تہ سندس خدمتون گهڻي ڀاڱي تعليم جي شعبي ۾ رهيون آهن ۽ انهيءَ شعبي ۾ ايوارڊ وڌيڪ مناسب رهي ها. ٻين لفظن ۾ ڊاڪٽر بلوچ کين ٻڌائڻ پئي چاهيو تہ تعليم جي شعبي ۾ سندس ميڄتا ادب کان ڀهرين هٿڻ گهرجي ها.

عملي طريقي ڪار. نوجوان عالمن لاءِ تجويزون:

هن ڪتاب ۾ موجود لک پڙهہ ڊاڪٽر بلوچ جي ذاتي ۽ انتظامي صلاحيت تي روشني وجهي، ٿي، تہ هُو ڪيئن ماڻهن جي مدد ڪندو هو يا جيڪڏهن ڪانئس صلاح گهربي هئي، تہ هُو ڪيئن عملي نوعيت

جي صلاح ڏيندو هو. هتي انهن نوجوان اسڪالرس جا مثال سامهون آهن، جيڪي ٻاهرين ملڪن ۾ پڙهندا هئا يا پاڪستان ۾ پڙهندڙ ٻاهرين ملڪن جا اسڪالر هئا.

هتي هڪ ايراني اسڪالر فرجاد سان ٽيل ڊاڪٽر بلوچ جي لکپڙهه جو مثال ڏئي سگهجي ٿو ته ڪيئن ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي وس ڪان وڌيڪ انهيءَ اسڪالر جي مدد ڪئي. ساڳيءَ طرح، تازو پاڪستان آيل انڊونيشيائي اسڪالرن شريف الدين سڪر ۽ محي الدين سواندي کي ڏنل ڊاڪٽر بلوچ جو صلاحون به ڏاڍيون عملي ۽ ڪارگر آهن. هُو لکي ٿو ته:

"هاڻ توکي پڙهڻو ۽ پاڪستان به گهمڻو آهي، جيئن مون توهان وٽان سکيو هو ۽ توهان جي پلي ملڪ ۾ ڪيتريون جڳهيون به گهميون. پاڻ کي گرم رکجانءِ، جو اسان وٽ سيارو سخت ٿيندو آهي. بهتر آهي ته پنهنجو ڪاڌو پاڻ پچائجو. پاڻ کي صحت مند رکجو ته جيئن پڙهي ۽ ملڪ گهمي سگهو. ٻئي ڀيري اسلام آباد اچو ته توهان کي منهنجي مهماني جي دعوت اٿوَ."

انجنيئر علي محمد بلوچ کي شارٽ ڪورس لاءِ لوگان وڃڻ تي ڪيس ڏنل صلاح به ڏاهپ سان ڀريل آهي:

"تو لکيو آهي ته توکي ڪيئن جلدي ڪم سان لڳائي ڇڏيائون. ترقي يافته ملڪن ۽ اسان وارن ملڪ ۾ اهو ئي فرق آهي، ته اسان وٽ ڪم کي سدائين ملتوي يا دير سان ڪندا آهن. ڪوشش ڪجانءِ ته جيترو سکين سگهين، اوترو سکجانءِ. آمريڪن ماڻهن سان دوستي وڌائجانءِ. خاص طور تي هڪ ٻن سان، ته جيئن انهن سان اڳتي هلي خط و ڪتابت ڪري سگهين."

هتي ڊاڪٽر پروين ٽالپر سان لاڳيتي لکپڙهه به قابل ذڪر آهي، جيڪا تيستائين هلي، جيستائين هُن پنهنجو مقصد حاصل نه ڪيو.

اسڪالرن جون تڪليفون گهٽائڻ:

تهذيب يافته سماجن ۾ ادارن وٽ مستقل مقصدن تي ٻڌل پنهنجون پختيون پاليسيون هونديون آهن، جن تي انتظامي يا تعليمي ماهرن جي منتظمن جي اچڻ يا وڃڻ جو ڪو فرق نه پوندو آهي. ڪنهن به منصوبي جو جاري رهڻ يا ختم ٿيڻ ڪنهن منتظم جي ذاتي مرضي تي ٻڌل نه هئڻ گهرجي. اسان واري ملڪ ۾ ابتو چڪر آهي. منتظم اهو ڪجهه نه ڪندا آهن جيڪو ڪين ڪرڻو هوندو آهي يا جنهن لاءِ ڪين پگهار ملندي آهي. ساڳيءَ طرح، آفيسرن کي رکڻ يا هٽائڻ به ائين پنهنجي مرضي سان ڪئي ويندي آهي، جنهن سان اداري جي ڪارڪردگي متاثر ٿيندي آهي. انهيءَ ۾ ان آفيسر جي اداري سان وابستگي يا سچائيءَ کي نظر انداز ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن انهيءَ کي ڌيان ۾ نه رکيو ويندو آهي ته اهڙن قدمن سان اداري جي ساک خراب ٿي ويندي آهي ۽ اداري ۽ ملڪ تي ان جا منفي اثر پوندا آهن.

موجوده ڪتاب، انهن ملڪي ۽ پرڏيهي عالمن کي اسان جي اسٽيبلشمينٽ پاران پهتل غير ضروري تڪليفن تي به روشني وجهي ٿو. جڏهن ڊاڪٽر بلوچ هڪ اداري ڪان ٻئي اداري ۾ هليو پئي ويو ته سندس اڳوڻي اداري ۾ ساڻس ڪم ڪندڙ عالمن کي ڪافي تڪليفون ڏسڻيون پيون. ترڪ پروفيسر ظفر حسن ايبڪ جو قصو انهيءَ سموري ماهري تي چٽي طرح روشني وجهي ٿو.

پروفيسر ظفر حسن ايبڪ جي مرتب ڪيل ترڪ - اردو لغت کي شايع ڪرڻ ۾ هر وپر وجي دير ان جو مثال آهي. اسلامي تحقيق جي اداري ۽ آر. سي. ڊي انسٽيٽيوٽ اسلام آباد جي چوڻ تي پروفيسر ظفر حسن ايبڪ پنهنجي لغت شايع ڪرڻ لاءِ ڏني. جيستائين ڊاڪٽر بلوچ اسلامي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر هو، تہ لغت جو ڪم صحيح پئي هليو. جڏهن آگسٽ 1982ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ يونيورسٽي ڇڏي، تہ لغت ۾ مرتب ڪرڻ وارو بہ رلي ويا. جلدي پريس مينيجر کيس ٻڌايو تہ لغت جا مواد ۽ پروف گم ٿي ويا آهن. آر. سي. ڊي انسٽيٽيوٽ اسلام آباد ۾ پبليڪيشن سپروائيزر سان تمام گھڻي لکپڙهہ جي باوجود، مواد جي ڪابہ خبر نہ ملي. جيئن ته ڪ ان بزرگ عالم ان ڪتاب جي مسودي جي ٻي ڪاپي ڏيڻ جي آڇ بہ ڪئي، پر کيس ڪو بہ جواب نہ مليو. آخر ڪار هُن 17-10-1982ع تي ڊاڪٽر بلوچ کي لکيو. جنهن ۾ هُن ڊاڪٽر بلوچ جي لغت ۾ دلچسپيءَ تي مهرباني بہ مڃي، تہ سموري واردات جو سربستو احوال بہ ڪيائين. 26 آڪٽوبر تي 1982ع ڊاڪٽر بلوچ کيس جواب ڏيندي لکيو. تہ انهيءَ مامري تي مهيني کان ٽيل سندس ڪوشش جو بہ ڪو خاطر خواهہ نتيجو نہ نڪري سگهيو آهي. هُن وضاحت ڪئي تہ کيس لغت واري ڪم لاءِ چوڻ وقت هُو اسلامي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر هو ۽ اسلامي تحقيق جو ادارو سندس انتظام هيٺ هو. آگسٽ 1982ع کان هُو اسلامي يونيورسٽيءَ مان هليو ويو آهي ۽ سرڪاري طور تي هُو هاڻ ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي. ڊاڪٽر بلوچ کيس صلاح ڏني، تہ هُو انهيءَ ڏس ۾ اسلامي يونيورسٽي جي نئين وائيس چانسلر ڊاڪٽر افضل کي سڏو لکي. انهيءَ وچ ۾ ڊاڪٽر بلوچ اهو وعدو ڪيو تہ هُو پريس مئنيجر کي لکي، انهيءَ مامري کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. پروفيسر ظفر حسين ايبڪ موٽ ۾ لغت جي ڪم کي تيزيءَ سان ڪرڻ ۾ دلچسپيءَ تي ڊاڪٽر بلوچ جي مهرباني بہ مڃي ۽ انهيءَ تي افسوس بہ ڪيائين تہ اسلامي يونيورسٽي ۾ سندس دؤر پورو ٿيو. اها سندس بدقسمتي هئي، تہ هُو ڊاڪٽر بلوچ جي مدد کان محروم ٿي ويو. هُن ڊاڪٽر محمد افضل کي لکيو ۽ اڳوڻي لکپڙهہ جي فوٽو اسٽيٽ بہ موڪلي. پر، پاڪستان ۾ اختياريءَ وارن پاران کيس ڪو بہ جواب نہ مليو. جيئن ته ڪ ڊاڪٽر بلوچ جو سرڪاري طور تي ڪو عمل دخل نہ هو پر پوءِ بہ هُو انهيءَ لغت جي ڇپائيءَ لاءِ لاڳاپيل ماڻهن کي چوندو رهيو. ڊاڪٽر ايبڪ لاءِ ونس تمام گهڻي عزت هئي، جو هُو انقلابي ماڻهو هو ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو ساٿي هو. ڊاڪٽر بلوچ آگسٽ 1986ع ۾ وچي پروفيسر ايبڪ کي ڪا خوشخبري ڏئي سگهيو. 2-9-1986ع تي هُن ڊاڪٽر بلوچ کي لکيو تہ اهو ڄاڻندي کيس خوشي ٿي، تہ لغت جو ڪم جاري آهي. کيس اميد آهي تہ الله جي مرضي ۽ ڊاڪٽر زمان جي ڪوشش سان لغت جو ڪم جلدي پورو ٿيندو ۽ ترڪ شاگردن لاءِ گرامر بہ ڇپجي ويندو. کيس سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڊاڪٽر بلوچ جي مهرباني ڪيئن مڃي. سندس چوڻي، ڪنهن بہ منهنجي ڪتاب جي اشاعت ۾ ايتري دلچسپي ناهي ورتي."

محنت جي عظمت جي حوالي سان عام طور تي ۽ علمي ڪم ڏانهن خاص طور تي بي حسي رڳو پرڏيهي عالمن سان نہ هئي، پر اها اسان جي سماج ۾ عام هئي. انهيءَ جو پڙاڏو ڊاڪٽر فرمان فتحپوري جهڙي اعليٰ درجي جي عالم جي لکپڙهہ ۾ ملي ٿي، جنهن ۾ هُن قائد اعظم جي صدي واري منصوبي ۾ ڪيل علمي ڪم جو اجورو نہ ملڻ جي شڪايت ڪئي. هُن ڊاڪٽر بلوچ جي انهيءَ مامري ۾ مدد طلب ڪئي. ڊاڪٽر بلوچ جي مسلسل چوڻ تي وزارتِ تعليم، قائد اعظم اڪيڊمي کي ڊاڪٽر فرمان فتحپوريءَ جون سڀ رهتون ادا ڪرڻ لاءِ لکيو. ڊاڪٽر بلوچ، اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر فرمان فتحپوريءَ کي آٿت ڏنو تہ اميد تہ سندس پريشانيون ختم ٿي وينديون ڊاڪٽر فرمان فتحپوري ذاتي طور تي قائد اعظم

اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر شريف المجاهد سان رهڻ جي وصولي لاءِ رابطو ڪيو. هُن وزارت جي خط ملڻ جي تہ تصديق ڪئي پر ليڪڪ جي اميدن جي برعڪس، هُن فنڊس نہ هئڻ ڪري رهڻون ڏيڻ کان لاچاري ڏيکاري.

آثارِ قديمہ جي مشهور ماهر ڊاڪٽر رفيق مغل ۽ ڊاڪٽر احمد نبي خان بہ پنهنجي تحقيقي ڪم جي ڇپجڻ ۾ آيل تڪليفن باري ۾ لکيو آهي.

هندستان جا اسڪالر ۽ ٻين قسمن جون مصيبتون:

جينوٽيڪ هندستاني اسڪالرن جهرامداس دولترام آر ناٿ ۽ ضياءُ الدين ڊيسائيءَ سان لکپڙهہ ۾ انهن اسڪالرن سان ساٿ ۽ تعاون، مواد، ڪتابن ۽ حوالن جي مٽ سٽ، ناياب نسخن جي فوٽو ڪاپيءَ جا چڱا مثال ملن ٿا، پر ڪافي مامرن ۾ عملي ڏکيائيون بہ پيدا ٿينديون نظر اچن ٿيون. ٻنهي ملڪن جي ڇڪتاڻ واري تعلقاتن سبب ۽ غير ملڪي ڪرنسيءَ جي مٽا سٽا تي پابندي هئڻ سبب اهو ڏاڍو ڏکيو هوندو هو تہ عالم يا پڙهندڙ پبلشرن يا ڪتاب گهرن کان سڌو ڪتاب گهرائي سگهن. ان ڪري، انهن اسڪالرن ڪتابن ونڊ بدران ڪتابن جي مٽا سٽا جو حل ڪڍيو.

شري جهرامداس کي ڊاڪٽر بلوچ جي ڪتاب "موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" ملڻ جي خوشي هئي. سندس اها خواهش هئي تہ هُو ڊاڪٽر بلوچ سان قاضي قادن ۽ ٻين صوفين جي ڪلام ملڻ واري ڳالهہ ونڊي سگهي. ان ڳالهہ جو اندازو انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿو تہ هُن ساڳي ئي ڏينهن تي وڏا هٿ لکيل ايرو گرام موڪليا، سي بہ سندس گذرڻ کان ڪي فقط ڇهہ مهينا اڳ.

ڊاڪٽر ضياءُ الدين ڊيسائي پهرين ناگپور ۾ مقرر ٿيل هو ۽ پوءِ وري گجرات ۾. ڪيس ڊاڪٽر بلوچ وانگر اهو جنون هو تہ هُو پراڻن ڪتابن ۽ قبرن جي ڪتبن مان تاريخ جوڙي سگهي. ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر ضياءُ الدين ڊيسائيءَ کان اتي دفن ٿيل سومرن حڪمرانن جي قبرن ۽ ڪتبن ۽ دريا خان جي ارغونن هٿان موت تي ڪافي سوال ڪيا. ڊاڪٽر ضياءُ الدين ڊيسائي بہ انهن ساڳين سوالن جي حوالن جي باري ۾ ڄاڻڻ پئي چاهيو. ٻنهي عالمن، مغل بادشاهہ شاهجهان ۽ سندس دؤر ۾ سنڌ ۾ تعمير ٿيل مسجدن جي باري ۾ مواد جي مٽا سٽا ڪئي. البيرونيءَ جي زچ جي باري ۾ اشاري تي ڊاڪٽر بلوچ اها ڪهاڻي ٻڌائي، تہ ڪيئن هُن قاضي احمد ميان اختر جي ذريعي اهي ڪتاب هٿ ڪري ترجمو ڪرايا، تہ جيئن اهي ڇپجي سگهجن. پر پوءِ ترجمي نگار وٽان اهي ڪتاب واپس ڪرڻ ۾ ڪيترين ڏکيائيون آيون. جڏهن اها خبر پئي تہ پروفيسر صاحب جا ان ڪتاب جي باري ۾ ڪي ٻيا مقصد هئا، تہ ڊاڪٽر بلوچ پاڻ اهو ترجمو ۽ ايڊٽ ڪرائي، بيرونيءَ جي هزار سالہ جنم تقريبن جي موقعي تي 1973ع ۾ اهو ڪتاب "غُرة الزيجات" ڇپرايو.

ڪلڪتي جي پروفيسر ايس. عليءَ جي اها ڏک ڀري ڪهاڻي هئي، تہ سندس ڪتاب "وچولي هندستان ۾ جنگ جو فن" جو مسودو چوري ٿي ويو. سندس چواڻي تہ اهو سندس زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو نقصان هو. هُن ست سال ان تي ڪم ڪيو هو ۽ وٽس ان جي ٻي ڪاپي بہ ڪونہ هئي. وٽس اهي سوال هئا، تہ اهو ڪتاب واپس ڪيئن ڪجي ۽ چور ان ڪتاب سان ڇا ڪندو؟

خيرسگاليءَ جو سفير:

جڏهن ڊاڪٽر بلوچ لنڊن ۾ هيڊوگ ۽ ڊيرڪ ليوس وٽ گهمڻ ويو تہ سندس ملاقات هڪ نوجوان اسڪالر سان ٿي. اتي ٿيل ڪچهري ان نوجوان اسڪالر تي اڻ مٽ نقش ڇڏيا:

"نوجوان ڪلوز جيڪو جرمنيءَ جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ مان آيو هو. تنهن توهان سان لنڊن ۾ ملڻ ڪان پوءِ پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ هُو هڪ عالمي سياح ٿيندو. هُن لاءِ اسان لاءِ بہ توهان سان ڪچهريءَ پاڪستان جي باري ۾ وڏيڪ سمجهہ ۽ چاهہ پيدا ڪيو آهي. هاڻ اسان شوق سان اوهان جي ملڪ جو ذڪر ٻڌندا آهيون"

ڊيرڪ ليوس چوائي تہ ڊاڪٽر بلوچ نہ فقط هڪ مثالي عالم آهي، پر پنهنجي ملڪ جو پلو خيرسگاليءَ جو سفير بہ آهي.

سمٿسونين انسٽيٽيوٽ واشنگٽن:

ڊاڪٽر بلوچ پاڻ ۾ اها صلاحيت پيدا ڪئي تہ هُو سائنس ۽ رياضيءَ جي موضوعن کان وٺي آرڪيالاجي، اينٿروپالاجي ۽ فن جهڙن موضوعن سان نياءَ ڪري ويندو هو. هُو مختلف موضوعن جي اسڪالرن سان تعاون ڪندو هو ۽ اهي پڻ سندس اهڙي تعاون تي ڪيس ساراهيندا هئا. ڊاڪٽر ڪنيز ڊاڪٽر بلوچ جي تعاون سان سمٿسونين انسٽيٽيوٽ واشنگٽن ۾ پاڪستان هائوس قائم ڪيو. هُن ڊاڪٽر بلوچ جي موڪليل انتهائي سهڻن هُمرچي جي 36 مختلف پرتن جي نمونن ۽ سندس سنڌي پرت جي باري ۾ معلوماتي خط کي ساراهيو ۽ اميد ڪيائين تہ ڊاڪٽر بلوچ سنڌي پرت جا ٻيا بہ اهڙا نمونا موڪليندو رهندو. هُن اهو بہ مڃيو تہ جيڪڏهن هُو پاڻ بہ حيدرآباد ۾ هجي ها، تہ ڪاريگرن وٽان اهڙي معلومات وٺي نہ سگهي ها!

ڊاڪٽر بلوچ پاڻ سان رابطي ۾ ايندڙ ماڻهن جي نظر ۾:

جيڪڏهن اسان اهو ڄاڻڻ چاهيون ٿا تہ تحقيق ۽ علم جو جنم ڪيئن ٿيو تہ اسان کي ڊاڪٽر بلوچ جهڙن عالمن جي حياتيءَ کي غور سان ڏسڻو پوندو. سندس بيڪهنگم جهڙي عالم سان لکپڙهہ سندس نوڙت کي ظاهر ڪري ٿي، تہ ڪيئن هُو پنهنجي ڄاڻ جي ڪميءَ کي بيان ڪري ٿو ۽ ڪيئن انهن شين جي باري ۾ سوال پڇي ٿو جن جي ڪيس خبر نہ آهي. اهي ڄاڻو پروفيسر هڪ ٻئي جي عالماڻہ درجي کي تسليم ڪندي نظر اچن ٿا. اهي هڪ ٻئي جي نقطہ نظر کي تسليم ڪن ٿا ۽ ٻين ماڻهن جي مختلف سوچ کي قبول ڪن ٿا. اهي پيشيورانہ ۽ پنهنجي ڪم سان سچائيءَ سان تحقيقي مواد جي مٽا سٽا ڪندي تعاون ڪن ٿا. پڙهندڙن کي انهن وٽ ڪنهن بہ قسم جي وڏائي، حسد يا انڪار نہ ملندو.

ڊاڪٽر بلوچ جي ڪنهن گڏجاڻيءَ يا جيوريءَ ۾ ميمبر جي حيثيت سان ڪردار جي سچائيءَ کي ثابت ڪري ٿي. جيئن لوڪ ورثي جو ڊائريڪٽر عڪسي مفتي لکي ٿو تہ:

"ڪم تي ڪاريگرن واري ميلي ۾ توهان جو تعاون ۽ ايوارڊ جي جيوري ۾ توهان جي ميمبر ٿيڻ جي رضامنديءَ تي اسان اوهان جا ٿورائتا آهيون. توهان جي ان جيوريءَ ۾ ميمبر شپ ايوارڊ کي معتبري بخشي آهي."

پروفيسر محمد الياس ابڙي 13 مارچ 1982ع واري پنهنجي خط ۾ بہ ڊاڪٽر بلوچ جي سندس مدد ۽ رهنمائيءَ تي ٿورا مڃيا آهن: "توهان جي موجودگي ئي اسان لاءِ سگهہ ۽ آٿت هئي."

ڊي. اي. هومز سنڌو نديءَ جي وهڪرن ۽ ايڇ. ٽي. ليمبرڪ سنڌ جي شروعاتي تاريخ تي ڪم ڪري رهيا هئا. سندن مختصر لکپڙهہ مان سندس انتظامي ۽ پيشيورانہ مدد جي ملڻ جو اندازو لڳائي

سگهجي ٿو. ڊاڪٽر ايچ. استراسير باوجود پنهنجي وڏيءَ عمر ۽ ڪمزوريءَ جي، هن ملڪ جي گرمي برداشت ڪندي يورپ واپس وڃڻ کان انڪار ڪري ٿو ته جيئن گهربل معلومات حاصل ڪري سگهي ۽ ڊاڪٽر بلوچ کيس مايوس نه ٿو ڪري.

انڊيا ۾ ترسيل برطانوي تاريخدان رشبروڪ وليمز جنهن پاڪستان ۽ هندوستان جي تاريخ تي ڪيترائي ڪتاب لکيا هئا. هُن ڪڇ ۽ سنڌ جي حوالي سان لاکي ڄام تي "بليڪ هلز" جي نالي سان ناول به لکيو. آڪٽوبر 1971ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ کيس سنڌ جي لوڪ قصن تي ڪتاب موڪليو جيڪو سندس ناول جي حوالي سان ڪافي مددگار ثابت ٿيو. ڊاڪٽر بلوچ طرفان ڪتاب موڪلڻ تي ٿورا مڃيندي هُن لکيو ته:

"ڪاش لاکي ڄام ۽ ڪڇ جي ٻين جوڌن تي لکڻ کان اڳ آئون توهان کان صلاح وٺان ها. جيڪڏهن بليڪ هلز جو نئون ايڊيشن آيو ته آئون توهان جي درستگين جو مڪمل فائدو وٺندس."

پروفيسر سائمن ڊگبائي ڪي پڻ ڊاڪٽر بلوچ وانگر سما حڪمرانن ۽ سڪن جي مطالعي جو شوق هو. ٻي عالمانه لکپڙهه جيڪا صديءَ جي چوٿائيءَ (1973ع کان 1998ع) تائين هلي، جنهن ۾ تاريخي موضوعن تي مسلسل خيالن جي ڏي وٺ ٿي، اها لنڊن يونيورسٽيءَ جي چارلس بيڪهنگم سان هئي. هُن کي 1975ع ۾ 'سنڌ صدين کان' واري سيمينار ۾ دعوت ڏني وئي، جتي هُن ابن بطوطه جي سفرن تي مقالو پڙهيو. سيمينار کان پوءِ هُن چيو ته هُو ٿورائتو رهندو جيڪڏهن ڊاڪٽر بلوچ کيس ابن بطوطه جي ذڪر ڪيل 'جناني' واري جڳهه ڳولڻ ۾ مدد ڪري سگهي. گبس ان جي باري ۾ ڪو اندازو نه لڳايو ته اهو سنڌوءَ ڪناري ڪو وڏو شهر هو. ان ۾ خوبصورت بازارون هيون ۽ ان ۾ سامرا نالي قوم رهندي هئي. ڊاڪٽر بلوچ ان باري ۾ کيس وضاحت سان لکي موڪليو. هُن اها اجازت گهري ته هُو انهيءَ معاملي تي ڊاڪٽر بلوچ جو حوالو ڏئي سگهي. ڊاڪٽر بلوچ ان جو جواب ڏنو. 24 فيبروري 1997ع تي پروفيسر بيڪهنگم سندس ٿورا مڃيندي لکيو ته هڪليٽ سوسائٽي ڊاڪٽر بلوچ جي ٿورائتي رهندي. هُن اها خاطري ڪرائي ته ڊاڪٽر بلوچ کي ان ڪتاب جي ڪاپي موڪلي ويندي. کيس خبر هئي ته ڊاڪٽر بلوچ جي 1556ع ۾ پورچيگيز جي سنڌ تي ڪاهه جي باري ۾ اصلوڪن حوالن ۾ ڪافي دلچسپي هئي. پروفيسر بيڪهنگم انهيءَ سلسلي ۾ لائبريرين ڦلهارين ۽ ڊاڪو ۽ ڪيوتو جي ڪتاب "ڊڪيڊ ڊي ايشيا" ۾ اهو مواد ڳوليو. ليولر جي مداخلت نه هجي ها، ته هُو اهو ترجمو به ڪري ها! اها لکپڙهه جيڪا صديءَ جي چوٿائيءَ تائين هلي، سا تڏهن پوري ٿي جڏهن پروفيسر بيڪهنگم جي ڌيءَ ڊاڪٽر بلوچ کي پروفيسر بيڪهنگم جي 30 سيپٽمبر 1998ع تي ٿيل وفات جي باري ۾ لکيو.

پروفيسر ايم. جي. ڪونيزيني، سموگئي ۽ ويٽ:

ڊاڪٽر بلوچ ننڍي يا وڏي علمي ڪم ۾ مدد ڪرڻ ۾ ڪافي مددگار هوندو هو. پروفيسر ايم. جي. ڪونيزيني ڪجهه زهريلي نانگن ۽ ريڙهيون پائيندڙ جانورن جي سنڌي نالن ۽ اچارن جي باري ۾ ڄاڻڻ پئي چاهيو. پروفيسر لوهيزن موئن جي دڙي ۽ موسيقيءَ جي سازن جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ پئي چاهي. پروفيسر سموگئيءَ سنڌو نديءَ جي ڊيلٽا جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ جا ويچار ڄاڻڻ پئي چاهيا. سندس خيال هو ته وقت سان سنڌو ندي جي ڊيلٽا اوير کان اولهه طرف وڃي رهي آهي. سندس خيال هو ته اصلوڪي سنڌو نديءَ جي ڊيلٽا گجرات ۾ 'ڪميات' جي سمنڊ وٽ هوندي هئي.

پروفيسر ويث. البيرونيءَ جي 'نندنا' ماپ جي نظام جي ذريعي ڌرتيءَ جي قطر جي ماپ جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ پئي چاهيو. انهيءَ لڪپڙهه مان ڊاڪٽر بلوچ جي اها صلاحيت بہ ظاهر ٿئي ٿي تہ هُو غير ملڪي عالمن جي سنڌس اڀتڙ خيالن جي زيراثر نہ پئي آيو پر پنهنجي نقطہ نظر کي پختگيءَ سان پيش ڪندو هو. البيرونيءَ جي نندنا ماپ جي نظام واري تجربي تي لکيل ڊاڪٽر بلوچ جي مقالي کي ساراهيندي پروفيسر ويٿ لکيو تہ البيرونيءَ جي ڪيل ماپ ۾ رکيو ٪ 2. سيڪڙو منفي غلطي هئي. جيڪڏهن اها مثبت ٪ 3.2 بہ هجي ها، تہ بہ البيرونيءَ جي ڪيل ڪم کي گهٽ نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇو جو هُن وڏي فاصلي جي ٽرائي اينگيليشن ڪان لهرايو پئي.

ڊاڪٽر بلوچ جو جواب انتهائي مهذب هو جنهن ۾ هُن رياضيءَ ۾ پنهنجي گهٽ ڄاڻ کي قبول ڪيو. پر، هُن انهيءَ تاثر کي غلط ڪيو تہ ڪو البيرونيءَ وڏي فاصلي جي ٽرائي اينگيليشن ڪان لهرايو پئي. ڊاڪٽر بلوچ لکيو تہ:

"جهڙي طريقي ۾ سوچ سان البيرونيءَ ڌرتيءَ جي قطر جي ماپ ڪئي ۽ جنهن کي صحيح طريقي سان ماپڻ لاءِ هُن ڪافي محنت ڪئي، ان مان اهو نہ ٿو لڳي تہ البيروني وڏي فاصلي جي ٽرائي اينگيليشن ڪان لهرايو پئي."

انقره يونيورسٽيءَ جي اتاترڪ ڪلچرل اڪيڊمي ۽ تاريخ جي شعبي جي چيئرمين پروفيسر ائيدين سئيلي، ڊاڪٽر بلوچ سان يونيسڪو جي پروجيڪٽ "وچ ايشيا جي تهذيبن" ۾ ڪم ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ 21 جون 1983ع کان سنڌس 1993ع ۾ وفات تائين جي لکپڙهه موجود آهي. انهيءَ مان هزارن ميلن جي مفاصلي تي ٻن عالمن جي هڪٻئي سان احترام ۽ علم جي رشتي سان ڀڌل وڏي عرصي تائين ٿيل تمام گهڻي علمي، تحقيقي ۽ فڪري ونڊ ظاهر ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر بلوچ کي لکيل پنهنجي پهرين مهربان جي خط ۾ پروفيسر ائيدين سئيلي سنڌس يونيسڪو ۾ ڪيل سنڌس مدد کي ساراهيو ۽ ان کي علميت جو حقيقي جذبو سڏيائين. ان کان پوءِ ٿيل خط و ڪتابت ۾ ٻنهي اسڪالرن پنهنجي دل گهري موضوعن ۽ مختلف ڪانفرنس ۾ پڙهجندڙ مقالن تي خيالن جي مٽا سٽا ڏسجي ٿي. اهي ايفلائيٽن جي ترڪ هيٺ جي باري ۾، ابن سينا ۽ ٻين جي باري ۾ ٿيندڙ سمپوزيم ۾ ملڻ ۽ حصو وٺڻ ۽ استنبول ۾ پراڻن مسودن لاءِ لائبريريون ڏسڻ، مولانا روم جي آخري آرام گاهه ڪونيا گهمڻ جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا نظر اچن ٿا. پروفيسر ائيدين سئيلي، ڊاڪٽر بلوچ کي اهو بہ لکيو تہ سنڌس موڪليل مقالا ترڪ ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي، سمپوزيم ۾ پڙهيل مقالا ۽ "ايرڊم" مخزن ۾ شايع ٿيندا. ڪيس ڊاڪٽر بلوچ جي انهيءَ مئگزين ۾ دلچسپي جي خبر هئي. ڊاڪٽر بلوچ ان لاءِ مقالا موڪليندو رهندو هو جن کي پروفيسر ائيدين سئيلي تمام ڪارائتا سمجهندو هو ۽ انهن کي انگريزيءَ سان گڏ پروفيسر ايسن ڪايا جي ترجمي سان "ايرڊم" رسالي ۾ شايع ڪندو هو.

ٻنهي عالمن اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن واري منصوبي جي باري ۾ بہ نہ فقط خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، پر هڪ ٻئي سان ساٿ بہ ڏنو. الخوارزميءَ جو الجبرا اصلي عربي متن ۽ روزين جي ترجمي سان نئشنل هجره ڪائونسل پاران 1989ع ۾ ڇپايو ويو. ان جو پيش لفظ ڊاڪٽر بلوچ لکيو. جڏهن ته ان تي مقدمو پروفيسر ائيدين سئيلي لکيو ۽ ان جا وضاحتي نوٽس ملڪ دوسائي لکيا.

9 مئي 1989ع تي پروفيسر ائيدين سئيلي ڊاڪٽر بلوچ کي لکيو جنهن ۾ هُن ڊاڪٽر بلوچ جي الخوارزميءَ تي ڏنل پريزينٽيشن تي راءِ ڏني. هُن ان ۾ نهايت عاجزيءَ سان انهيءَ ۾ ڪي تبديليون آڻن

جي باري ۾ چيو. اهي مشاهدا پروفيسر ائيڊين سئيلي جي اعليٰ علمي حيثيت کي ظاهر ڪن ٿا ۽ اهو به ظاهر ڪن ٿا ته عالمن کي تاريخي مواد جي باري ۾ ڪيترو خيال ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر بلوچ انهن ڏسيل تبديلين کي يڪدم قبول ڪيو ۽ پنهنجي پريزينٽيشن ۾ تبديليون آنديون.

ٻنهي عالمن ابن هاشم، ابن نديم ۽ ابن قفطي جي ڪيل ڪم تي ويچار ونڊيا. اهي ٻئي يونيسڪو واري گڏيل ڪم تي به هڪ ٻئي کان پڇندا رهندا هئا. ڊاڪٽر بلوچ 1985ع ۾ ٿيل سمپوزيم ۾ ڪابل جي ترڪ حڪمرانن جي باري ۾ ۽ البيروني جي جٽن بابت ڪتاب تي به مقدمو لکيو. اهي سڀ مقالا ٻن ٻولين يعني ترڪ ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيا. جن جا پروف پروفيسر ائيڊين سئيلي پاڻ ڏٺا.

15 نومبر 1989ع تي ڊاڪٽر بلوچ پروفيسر ائيڊين سئيلي کان معذرت ڪئي، ته نئشنل هجره ڪائونسل مان سندس روانگيءَ جي حوالي سان ڪم جي گهڻائيءَ جي ڪري ڪيس چئن مهينن تائين لکي نه سگهيو. هُن ڪيس البيروني جي ڪتاب الجماهر جي ڪاپي موڪلي، جيڪو سندس اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن جي منصوبي جو چوٿون ڪتاب هو. ڪيس اهو به چيائين ته هُن ڊاڪٽر ايسن ڪاهيا سان ڪيل واعدي جي نباهه ڪندي پوري ڪوشش ڪئي ته العتاقي جو علم البدن ڇپائي سگهي.

اپريل 1992ع ۾ هڪ ٻئي کي رمضان جي عيد جو مبارڪون ڏنائون. پروفيسر ائيڊين سئيلي انهيءَ ڳالهه تي خوشي محسوس ڪئي ته ڊاڪٽر بلوچ حيدرآباد ۾ پنهنجي ڪم تي هري ويو آهي ۽ ڪيس ترڪ اشاعتون ملنديون رهنديون آهن. پنهنجي مقالي ”2004 ق.م ۾ ميسوپوٽيميا ۾ ترڪ اثر“ جو اشارو ڏيندي، پروفيسر ائيڊين سئيلي اهو ساريو ته ڊاڪٽر بلوچ کي سنڌي ٻوليءَ جو سوسا ۽ پريسيپولس لکتن سان مشابهتن واري موضوع ۾ دلچسپي هئي. پروفيسر ائيڊين سئيلي لکيو ته ترڪ ٻوليءَ جون پڻ سنڌيءَ سان مشابهتون آهن. جنهن تي لکڻ جي ضرورت آهي، ته جيئن ”ايرڊم“ رسالي ۾ ڇاپي سگهجن. پروفيسر ائيڊين سئيلي ان تي اڪثر لکيو ته ڊاڪٽر بلوچ مغربي خوارزم بادشاهت جي خانداني نسب تي لکي، جنهن سان البيرونيءَ جي آقا شهزادي ابو نصر منصور جو تعلق هو. انهيءَ ڏس ۾ هُن هڪ پيرو لکيو ته:

> ”توهان ته ان موضوع تي به تحقيق جا ماهر آهيو جنهن باري ۾ البيروني به اسان کي ڪا ڄاڻ نه ڏني آهي“

انهيءَ باري ۾ پروفيسر ائيڊين سئيلي جو عرض مسلسل ايندو رهيو ته البيرونيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ ڪافي ڪجهه ٻڌايو آهي ۽ مغربي خوارزم بادشاهت جي خانداني نسب جي باري ۾ ڄاڻ انهيءَ ۾ اضافو ٿيندي. ڊاڪٽر بلوچ لکيو ته ان جي باري ۾ ڪا معلومات گهڻي نه آهي ۽ جيڪڏهن هُن بين السطور کي نتيجا ڪڍيا به، ته اهي ايترا مصدق نه هوندا. پر، هُو ان موضوع تي تحقيق ڪندو. البت، به ٻيا اهڙا موضوع آهن، جن تي هُو ”ايرڊم“ لاءِ لکڻ ٿو چاهي. پر، اسلام آباد مان وڃڻ کان پوءِ وٽس لائبريرين تائين رسائيءَ ۾ گهٽتائي آئي آهي. اهي موضوع آهن.

- ذڪر خراسان (موجوده بلوچستان ۽ افغانستان) ۾ اوائلي اسلامي دؤر ۾ ترڪ حڪومتون ۽ آبادي.
- نڙ ۽ نڙ جي موسيقي - ترڪ، ايراني ۽ بلوچ روايتن جو پاڪستان سان تعلق.

ساڳئي سال، ڊاڪٽر بلوچ پروفيسر ائيڊين سئيلي کي پنهنجي ’سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري‘ جون چيئرمين جي حيثيت سان ذميواريون سنڀالڻ جي باري ۾ لکيو ته هُو ان جو مضبوط بنياد رکڻ گهري ٿو ته جيئن ٻيا ان کي آسانيءَ سان سنڀالي سگهن. پاڻ اها ذميواري ايندڙ سال تائين سنڀالڻ جي باري ۾ به

لکيائون. هُن پروفيسر ائيڊين سٽيلي کي اٿارٽيءَ جو خبرنامو ۽ هينيان ٻه ڪتاب موڪليا. جيڪي ترڪ عالمن لاءِ دلچسپيءَ جو سبب بڻجي پئي سگهيا.

* بيگلار نامہ. جيڪو 10 هجريءَ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي سنڌ تي حڪومت جي باري ۾ هو ۽ اُن ۾ ترڪن ۽ منگولن جي نسل جي باري ۾ حوالا هئا.
* شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ تي مولانا روميءَ جو اثر.

انهن موضوعن تي مقالا مڪمل ڪيا ويا. جيڪي پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ پاران سنڌ: تاريخي مطالعو (2002ع) ۽ سنڌ: ثقافتي مطالعو (2004ع) جي عنوانن سان ڇپايا ويا.

ڊاڪٽر بلوچ اها اميد ڪئي تہ پروفيسر ائيڊين سٺي صحت ۾ هوندو. پر، 1993ع ۾ ڊاڪٽر صادق ترل ڪيس پروفيسر ائيڊين جي وفات جي باري ۾ لکيو. سنڌس ساٿين "ايرڊم" جو شمارو پروفيسر ائيڊين جي ياد ڏانهن منسوب ڪيو هو ۽ ڊاڪٽر بلوچ کي ان ۾ لکڻ لاءِ دعوت ڏني وئي.

ڊاڪٽر حميدالله :

ڊاڪٽر حميدالله سان ٿيل لکپڙهہ پنهنجي اعليٰ درجي جي علمي حيثيت سبب مڪمل طرح سان مطالعو ڪرڻ جي ضرورت آهي، تہ جيئن انهن جي هڪبئي سان ٿيل ميل جول جي مزاج ۽ خيالن جي مٽا سٽا کي پوري طرح سمجهي سگهجي.

ڪم ڏانهن اڻ ورچ ۽ اڻ ٿڪ رويو:

اڪثر عالم، ڊاڪٽر بلوچ جي سنڌس ڪم ڏانهن اڻ ورچ ۽ اڻٿڪ رويي کي ساراهيندا ٻہ هئا، تہ تعجب بہ ڪندا هئا. ان رويي، ڊاڪٽر بلوچ لاءِ علم جا اهي دروازا کوليا. جن تي عام عالم پهچي نہ سگهندو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي پنهنجي ڪم سان جنون جي باري ۾، 26 فيبروري 1994ع واري خط ۾ اسلام آباد کان شبير حسين لکي ٿو تہ

> "مون توهان جي مقالي 'قرآن شريف جو پهريون ترجمو' کي ٻہ دفعا پڙهيو. توهان جي پنهنجي ڪم سان جنون مواد جا اهي بند دروازا کولي، پڙهندڙ تائين اهو دوُر پهچايو آهي، جيڪو جوش، تخليق جو هو ۽ جيڪو اسان هن دوُر ۾ تصور بہ ڪري نہ ٿا سگهون. توهان جو روزنامہ 'ڊان' ۾ ڪراچي تي لکيل آرٽيڪل بہ اهڙو ئي دلپذير هو."

اها اڻ ورچائي، پنهنجي ڪم سان سچائيءَ کان سواءِ نہ ٿي اچي. اهي ماڻهو جيڪي ڊاڪٽر بلوچ سان وڏي عرصي کان رابطي ۾ آهن ۽ جيڪي سنڌس حاصلاتن کان واقف آهن. اهي ان جا بہ شاهد آهن تہ سنڌس اڻ ورچ مزاج، سنڌس ڪم سان سچائيءَ جي ڪري هو. پنهنجي ڪتاب جي آخري- نصي کي مڪمل ڪندي پروفيسر مريئل 25-02-1995ع تي لکيو تہ ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ ساڳي صورتحال ۾ ڇا ڪري ها:

> "ڪاش آئون بہ توهان جيتري ڪم سان سچي هجان ها. توهان جي پنهنجي ڪم جو پورائي ۾ اڻ ورچائي ۽ توهان جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت مون کي سدائين حيرت ۾ وجهندي آهي."

مستقل روحاني قدرن وارا تعلق جوڙڻ:

هن ڪتاب ۾ موجود خط وڪتابت مان ڊاڪٽر بلوچ جي ماڻهن سان تعلق جي نوعيت ۽ عرصي تي غور ڪري سگهجي ٿو. پروفيسر مريئل ليٿم (60 سال)، اينميري شمل (25 سال)، پروفيسر بيڪنگم (24 سال)، ڊاڪٽر حميدالله (25 سال)، هينز ويسٽفل (15 سال)، ڪينز (15 سال) ۽ ڊاڪٽر اسماعيل ۽ ٻين عالمن سان سندن وفات تائين لکپڙهه جاري رهي. سڀ کان وڏي، فڪري ۽ روحاني لکپڙهه 60 سالن (1946ع کان 2006ع) تائين مريئل ليٿم هلي. پڙهندڙن کي انهن جي لکپڙهه جي هنن پهلوئن تي تعجب ٿيندو.

- اهي عالم پنهنجن شعبن جا ماهر هئا، جن سان ڊاڪٽر بلوچ ڄاڻ جي ونڊ جي مقصد سان رابطو ڪيو. انهن به ڊاڪٽر بلوچ جي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪيو.
- اها به حيرت جي ڳالهه آهي ته ڊاڪٽر بلوچ انهن عالمن سان عام سيمينارن يا گڏجاڻين ۾ مليو پر پوءِ پاڻ اڳتي وڌي، انهن سان مستقل روحاني قدرن وارا تعلق جوڙي سگهيو. عام طور تي انهن موقعن تي هڪ ٻه مسئلا ويچاري، پوءِ هڪٻئي کي وساري ڇڏبو آهي. پر، ڊاڪٽر بلوچ جا انهن سان واسطا وڌيا ۽ تيستائين جاري رهيا، جيستائين انهن مان گهڻا راهِ رباني نه وٺي ويا. اهي تعلق لطيف جي نگريءَ ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي سکيا جو نتيجو آهن. جنهن جي تعليم ماڻهن سان اٽُٽ رشتا جوڙڻ جو چوي ٿي

حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو
سو مون سڀ ڄمار اورڻ اهو ئي ٿيو.

ڊاڪٽر بلوچ، عالمن کان وٺي امير ۽ غريب، ڳائڻن، موسيقارن، فنڪارن، سگهڙن ۽ مڱڻهارن سان اهڙو ئي روحاني رشتو رکيو. انهن فنڪارن کي اسان جي سماج ۾ گهٽ سمجهيو ويندو آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ جي سٿ ۾ اهي پاڻ کي مان ڀريو محسوس ڪندا هئا.

ڊاڪٽر اينميري شمل:

ڊاڪٽر بلوچ ڪجهه جرمن عالمن سان رابطي ۾ رهيو جيڪي لوڪ ڄاڻ، تصوف ۽ تارن جي ڄاڻ ۾ دلچسپي وٺي رهيا هئا. اينميري شمل، هينز ۽ سگرڊ ويسٽفل، ڊاڪٽر ويٽ ۽ ٻيا عالم ان ۾ شامل هئا. انهن مان گهڻن سان سندس پوءِ به تعلق قائم رهيا ۽ پيشيورانه واسطا وڌي، روحاني رشتن ۾ تبديل ٿيا.

ڊاڪٽر اينميري شمل سنڌ، پنجاب، هندستان، ايران، ترڪي ۽ ٻين ملڪن ۾ گهمندي، رهندي هئي، ته جيئن اسلامي تصوف تي تحقيق ڪري سگهي. 1958ع ۾ سندس پهرين خط مان ئي اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هوءَ سنڌي ثقافت کان چڱيءَ طرح واقف هئي. هوءَ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ليڪچر به ڏيندي هئي، ته پراڻن ڪتابن، جهڙوڪ: ٽرمپ جي سنڌي ۽ 19 صديءَ جي لغتن مان هڪ محنتي شاگرد وانگر سنڌي سکڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. وٽس ”نئين زندگي“ ۽ ”مهراڻ“ جا به ڪي شمارا هئا ۽ سنڌي سکڻ ۾ اڳتي وڌي رهي هئي. سندس صحت کيس اجازت نه پئي ڏني، ته هُوءَ ترڪي مان نوڪري ڇڏي، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اچي پڙهائي. کيس سنڌي شاعرن ۽ خاص طور تي سچل جي فارسي شاعريءَ ۾ منصور حلاج جي ذڪر جي باري ۾ ڪي سوال هئا. هُن اقبال جي صد سالہ تقريبن ۾ پنهنجي شرڪت جي ڳالهه ڪئي ۽ اهو به لکيائين ته هُوءَ جرمني ۽ هارورڊ ۾ اقبال تي ٿيندڙ ڪيترن ئي تقريبن ۾ به ڳالهائيندي. ڊاڪٽر اينميري شمل اهو به ذڪر ڪيو ته هُوءَ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جرمن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري رهي آهي ۽ جيڪڏهن سندس ماءُ حيات هجي ها ته اُهي پڙهي خوش ٿئي ها. مولودن جي

حوالي سان چيائين، تہ جرمن عالم اهي مولود پڙهن ها. تہ ڪين وڏي حيرت ٿئي ها. هُن مير درد ۽ لطيف ـ برصغير جي ٻن صوفي شاعرن جي حيثيت سان تقابلي جائزو بہ لکيو. هُن ڊاڪٽر بلوچ کي پنهنجو ڪتاب "هندستان ۽ پاڪستان ۾ اسلام" بہ موڪليو. ڊاڪٽر اينميري شمل اڪثر پنهنجي خطن ۾ لطيف جا شعر، پليڪار ۽ دعائن طور لکندي هئي ۽ پاڻ کي ڏٽيءَ جي ٻاجهہ جي راهہ جي فقيراڻي ڪري لکندي هئي. ڊاڪٽر اينميري شمل اپريل 1922ع ۾ ڄائي، جنوري 2003ع ۾ وفات ڪري وئي. هُن اسلامي تصوف جي حوالي سان ڪيترائي ڪتاب لکيا. انهن مان ڪيترن جو هن لکپڙهہ ۾ ذڪر ناهي.

پروفيسر هينز ۽ پروفيسر سگرڊ ويستفل:

ٻئي پروفيسر جرمنيءَ ۾ انسان شناسي ۽ قوميت شناسي جا ماهر ۽ ميوزم جا نگهبان هئا. انهن 1969ع ۾ انڊيا جو دورو ڪيو تہ جيئن پنهنجي ۽ ڊاڪٽر بلوچ لاءِ ڪتاب ڳولي لهن. مجمدار ۽ رشبروڪ وليم جا ڪڇ ۽ آرڪيالاجيءَ تي لکيل ڪتاب ملڻ مشڪل هئا، جيتوڻيڪ ڪين راڄسنجي راٺوڙ جا ڪجهہ ڪتاب ملي ويا.

ساڻن علمي ۽ روحاني تعلق ڪان سواءِ ويستفل جوڙي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جو پاڻ ۾ انسان شناسيءَ واري علم جي تحقيق جو بہ تعلق هو جو اهي ريٻاڙين، جتن ۽ ملڌاري قبيلن تي تحقيق ڪري رهيا هئا. ڊاڪٽر بلوچ، پوءِ "جتڪي ٻوليءَ" تي ڪتاب لکي پورو ڪيو جيڪو 'سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري' وارن 2004ع ۾ ڇپايو.

ڊاڪٽر بلوچ جو پنهنجي تحقيق جي موضوع ۾ ايتري تي گهري نظر هوندي هئي، جو ان ۾ ڪو بہ جهول نظر نہ ايندو هو. انهن موضوعن تي تحقيق ڪندي، پروفيسر سگرڊ چواڻي تہ ڊاڪٽر بلوچ واري مواد ۾ ڪين ڪتل معلومات ملي ويندي هئي. ڪين "جرنل آف سينٽرل ايشيا" ۾ ڊاڪٽر بلوچ جو لکيل مقالو مليو هو جيڪو سنڌو سڀيتا جي هينئين حصي ۾ زمان ۽ مڪان جي ماپي جي باري ۾ هو. پروفيسر سگرڊ هڪ ٽي ساهيءَ ۾ اهو پڙهيو ۽ ڊاڪٽر بلوچ کي لکيائين، تہ سنڌس پنهنجي ڪيل تحقيق ۾ بہ اهڙا حوالا هئا، جيڪي ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيا يا اهي تڪراري پئي لڳا. هوءَ اهو سمجهندي هئي تہ اهي پراڻي دؤر جا ڪي وسريل ورق هئا. ڪيس اهو لڳندو هو تہ ان باري ۾ هاڻ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ڪا قسمت جي ڳالهہ هئي. پروفيسر سگرڊ ڪيس مبارڪون ڏنيون، تہ ڊاڪٽر بلوچ کي پنهنجي تحقيق لاءِ زباني ۽ لکت ۾ شاهديون مليون. پر اهو بہ چيائين تہ اها ڄاڻ هن لاءِ بہ لاڀائتي ثابت ٿي، جو انهن ڳالهين جي اڳ ڪا بہ سمجهہ نہ پئي ملي.

"توهان جو مقالو پڙهي مون کي نئين روشني ملي ۽ آئون وري پنهنجي مواد کي ڏسندس. هاڻ مون کي انهن نہ سمجهہ ۾ ايندڙ مواد کي سمجهڻ جي سگهہ ملي وئي. ٿي سگهيو تہ ان جي باري ۾ آئون توهان کي آگاهہ ڪندس."

اريگيشن ٽيڪنالاجيءَ جي باري ۾ مقالي جي حوالي سان پروفيسر سگرڊ لکيو تہ هُوءَ انهيءَ جي باري ۾ ڄاڻڻ لاءِ خواهشمند هئي. هُن کي خوشي هئي تہ ڪيس اها ڄاڻ ملي وئي، جنهن ذريعي ماضيءَ کي وري تصور ۾ جوڙي سگهي. جيڪو هڪ اينٿروپالاجسٽ لاءِ انتهائي ڏکيو پر خوشي ڏياريندڙ ڪم آهي.

"مون کي ان تي رشڪ ٿو ٿئي تہ توهان انهن ماڻهن سان ڳالهائي ۽ انهن مان گهربل معلومات وٺي سگهو ٿا، جيڪي اڄان تائين اهي پراڻا اوزار استعمال ڪري، پراڻن

طريقن سان ڪم وٺي سگهن ٿا. يقيناً پراڻن طريقن واري زندگيءَ کي وري جوڙيءَ ۽ ان جي معلومات وٺڻ هڪ عالم جي حيثيت سان توهان جي قابليت آهي. آئون توهان جي ان ڪم جو قدر ٿي ڪريان.“

01_09_1982ع تي موڪليل هڪ خط ۾ هُن برف، ڪتبن ۽ ڪليسا جون تصويرون موڪليندي، ڊاڪٽر بلوچ جي سگهه کي ساراهيو ته ڪيئن هُو پئرس مان جرمنيءَ جي ڏورانهين علائقي ۾ پنهنجي دوستن يعني سائس ۽ سندس مڙس سان ملڻ آيو.

”مون کي خوشي آهي ته اسان کي توهان جي دوستي ملي آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته اوهان وري اسان وٽ ايندا. هن پيري سياري جي بدران ٻي مند ۾ اچجو ته جيئن اسين توهان کي جرمني ڏيکاري سگهون. جيڪڏهن اوهان جي گهرواري به اوهان سان گڏ اچڻ تي راضي ٿئي، ته اسين ڪيس ڀليڪار چونداسين. هُوءَ اسان وٽ رهي سگهي ٿي ۽ توهان پلي ڪانفرنسن يا گڏجاڻين واري پنهنجو ڪم ڪجو. پر اها اسان جي رڳو خواهش ٿي سگهي ٿي.“

1 سيپٽمبر 1982ع واري خط ۾ پروفيسر سگرڊ لکي ٿي ته:

”اهڙو ڪو آسرو آهي ته اوهان ويجهڙ ۾ يورپ يا اسان وٽ گهمڻ اچو؟ اسان کي توهان سان وري ملي خوشي ٿيندي، پوءِ پلي توهان ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ئي اچو. چاڪاڻ ته توهان کي برف وڻندي آهي ته موسم توهان لاءِ رڪاوٽ نه ٿيندي برمين تائين اوهان کي هر وقت سواري ملي ويندي.“

پروفيسر مريئل ليٿم:

پروفيسر مريئل ليٿم 1946ع کان ڊاڪٽر بلوچ سان لکپڙهه ۾ هئي. پنهنجي خطن ۾ هُوءَ اڪثر سندس صلاحيتن ۽ سندس شخصي ڪردار تي راءِ ڏيندي هئي، جنهن ڊاڪٽر بلوچ کي ليڪڪ، تعليمدان ۽ ڪارڪن جي طور تي ٻين کان اڳيان رکيو. انهيءَ ۾ سندس انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ رواني، اعليٰ ڪم ۾ مصروفيت، وقت ۽ تبديلن جي دٻاءَ کي سهڻ جي طاقت ۽ شڪست قبول نه ڪرڻ وغيره شامل آهي.

1972ع واري پنهنجي خط ۾ پروفيسر مريئل ليٿم ڊاڪٽر بلوچ جي انگريزي جي شاعراڻي استعمال کي ساراهيو ۽ سمجهيائين، ته ڊاڪٽر بلوچ جي انگريزيءَ ۾ رواني ۽ فصاحت تعريف جوڳي هئي. جڏهن هوءَ ڊاڪٽر بلوچ جي ٻين ٻولين تي دسترس جي باري ۾ سوچيندي آهي، ته هُوءَ پاڻ کي صفا ڪمتر سمجهندي آهي.

”بيروني ۽ ننڊنا ۾ سندس تجربي“ کي پڙهڻ کان پوءِ، پروفيسر مريئل ليٿم لکيو ته ڪيس ڊاڪٽر بلوچ جي قابليت ۽ اظهار جي صلاحيت تي حيرت ٿي. هُن لکيو ته ”ڇا موضوعن جو ڪو انت به آهي، جنهن ۾ توهان تحقيق ڪري يا لکي نه سگهو؟“

1992ع ۾ ويهن سالن کانپوءِ پروفيسر مريئل ليٿم وري ڊاڪٽر بلوچ جو خط ملڻ تي پرسڪون ٿي. هُن چيو ته رابطي ۾ وڏو وقت اچي ويو هو ۽ هُوءَ فڪرمند هئي ته سندس دوست ڇاق چڱو ڀلو هوءَ هُو اجان لکي پيو. هُن لکيو ته: ”ستر سالن تي پهچڻ کان پوءِ ڪيس ڊپ وارا خيال پئي آيا. ڌڻيءَ جو شڪر آهي ته پاڻ ٻئي ذهني ۽ جسماني طور تي صحتياب آهيون.“

پوءِ هُوءَ سندن درميان هڪجهڙايون ڳڻائيندي چوي ٿي تہ اهي ٻئي واندا نہ ٿا ويهي سگهن. پوءِ بہ
ڪيس ڊاڪٽر بلوچ جي چاڻ تي تعجب ٿيو جو ڪائنس بہ وڌيڪ مصروف هو. سندس گهڻو وقت گهرداري
۽ باغيچي سنڀالڻ ۾ گذريو وڃي، تہ متان اهو مينهن وڏن يا گهڻن تي جهنگ يا ريگستان ٿي نہ وڃي.

ڊاڪٽر بلوچ جي ڊگهي ڪئي منهن ڏيڻ واري صلاحيت تي پروفيسر مريئل ليٽم لکي ٿي تہ زندگيءَ مان ڊگهي ختم تہ نہ ٿو ڪري سگهجي. پر، پوءِ بہ پنهنجي قسمت جي ڳالهہ ڪجي، تہ ڊاڪٽر بلوچ کي پنهنجي قسمت تي ٻين کان وڌيڪ ڪنٽرول آهي. ڪاش هُوءَ بہ پنهنجي زندگي کي ائين هلائي سگهي ها.

ڊاڪٽر بلوچ جي ڪاميابي جي اهم سبب بابت هُوءَ لکي ٿي تہ اها سندس قوت ارادي آهي تہ هُو ڪڏهن بہ آهڻ نہ ٿو مڃي. هُو تيستائين ڪوشش ڪندو رهندو آهي، جيستائين ڪا اهڙي شيءِ حاصل ٿئي، جيڪا ڪيس گهربل نتيجن حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي. پنهنجي باري ۾ ڳالهہ ڪندي لکي ٿي تہ وٽس سواءِ زندگي ۾ ڪجهہ موقعن جي ايتري جرئت حاصل نہ رهي آهي. پر هُوءَ بہ ڊاڪٽر بلوچ وانگر حاصلات ۾ يقين رکي ٿي.

جيستائين واندڪائي جي وقت هئڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ جي ڳالهہ آهي، تہ پروفيسر مريئل ليٽم لکي ٿي تہ ڪو وقت ايندو تہ هُوءَ پنهنجو وقت پنهنجيءَ خواهش مطابق استعمال ڪري سگهندي ۽ ڊاڪٽر بلوچ لاءِ بہ ساڳي اميد ڪيائين، تہ هُو پنهنجي دل واري ڪم ۾ مصروف رهي، بجاءِ اسلام آباد جي نوڪرين ۾ قاتل هجي. پر، سيني کي ڊاڪٽر بلوچ جي صلاحيتن جي خبر آهي ۽ ڪيس پيا سڏيندا. اها تہ ڪاميابيءَ جي قيمت آهي.

سموري زندگي ڪتاب لکي ڇپرائڻ واري ڪم ۾ سندس شموليت جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ چيو:

"هاڻ ڪتابن جون گهٽيون ئي ڳالهيون ٿيون. اسان سموري زندگي اهو ئي ڪيو آهي. هاڻ آئون ڪتابن واري ڪم ۾ توازن رکندي، سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻهراڙين ۾ گهمڻ ٿو چاهيان. شايد آئون تمام گهڻو آئيڊيليسٽ آهيان. انهيءَ آئيڊيل ازم کي حقيقت پسنديءَ سان متوازن ڪرڻ جو سوچي رهيو آهيان."

ڊاڪٽر بلوچ جي لاءِ ڪتابن جي دنيا مان فرار ٿيڻ ممڪن نہ هو جيتوڻيڪ سندس ڪم جي دنيا رڳو اها بہ نہ هئي. هُن لکيو تہ: "منهنجيون سڀ آڱريون مٽائيءَ ۾ آهن. جيتوڻيڪ اها مٽي آهي، پر ان جو هاضمو ڏکيو آهي." ان کان سواءِ، ڪنهن مثبت ڳالهہ ۾ رُڌل هئڻ واندي هئڻ کا بهتر آهي. "اسان پاڻ کي انهن ڪمن ۾ مشغول رکون ٿا، بجاءِ پاڻ کي پاسيرو ڪريون. آئون پاڻ بہ تو وانگر ئي ڪندو آهيان. هِتي هُتي ۽ هر جاءِ هججي، پر اها ئي زندگي آهي."

اختتام:

ڊاڪٽر بلوچ جي انهيءَ لکپڙهہ کي ڏسندي ۽ الله جي ٻاجهہ ۾ اميد رکندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ ڊاڪٽر بلوچ جي ڪم واري زندگي ۾ پريشانين ۽ رڪاوٽن کان وڌيڪ حاصلاتون ۽ ڪاميابيون آهن. جبل جيڏا ڪم سوچيائين ۽ اهي پورا ڪيا ويا، جن ۾ شاهہ جو رسالو لغتون، سنڌ جا ڪلاسيڪي شاعر، تاريخون ۽ لوڪ ادب جهڙا گهٽا ئي ڪم آهن. جيڪي زندگيءَ جي سڦل هئڻ جو ثبوت آهن. ڪيترائي جبل جيڏا ڪم، جيڪي نيڪ ارادن سان شروع ڪيا ويا، پر رڪاوٽون وجهڻ سبب پورا ٿي نہ سگهيا. انهن لاءِ بہ چئي سگهجي ٿو تہ چڱي ڪم جي شروعات بہ جڻ ان جي اڌ تڪميل هوندي آهي. اميد ٿي ڪجي تہ مستقبل ۾ اهڙا چڱا فرد يا ادارا ايندا، جيڪي اسلامي تهذيب جي عظيم ڪتابن، برصغير جي تاريخ ۽ عوامي تعليم جهڙن رهيل ڪم کي نئين جوش ۽ جذبي سان پورا ڪندا. موجوده ڪم انهن اهڙن نيڪ نيت عالمن لاءِ اتساهہ جو سبب بڻبو.